ربیع الاول 1444ھ/اکتوبر 2022

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوت اسلامی



ویب ایڈیشن

# جنهن به مدد جي لاءِ پڪاريو




مولانا عدنان چشتي عطاري مدني

الله ڪريم بيشمار صفات ۽ ڪمالات جو جامع آهي سندس هڪ صفت اها به آهي ته هو تمام مخلوقات جو فرياد ٻڌڻ وارو، انهن جي ضرورتن ۽ حاجتن کي پورو فرمائڻ وارو آهي، ڏکَ سور ۽ پريشانين جي ماريل مخلوق ان کي پڪاريندي آهي پنهنجي دل جون مرادون ماڻيندي آهي.

الله پاڪ مخلوق مان پنهنجي پسنديده ۽ نيڪ ٻانهن کي به هي اختيارات عطا فرمايا آهن جو هُو مخلوق جي ڪم ايندا، الله جي عطا سان انهن جي فرياد ٻڌندا ۽ پوري ڪندا آهن.

ياد رهي ته اسان مسلمانن جو عقيدو ۽ ايمان آهي ته حقيقي طور تي مدد ڪرڻ وارو صرف الله ڪريم ئي آهي، باقي سڀ ان جي عطا ۽ ڪرم ئي سان مدد ڪندا آهن ۽ هي قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي جيئن ته الله ڪريم جو فرمان آهي:

فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ مَوْلٰىهُ وَجِبْرِيْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِيْنَ ۚ وَ الْمَلٰٓىِٕكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ ظَهِيْرٌ ﴿۴﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ته بيشڪ الله پاڻ ان جو مددگار آهي ۽ جبريل ۽ نيڪ ايمان وارا ۽ ان کان پوءِ ملائڪ مددگار آهن. (سيپارو:28، سورة تحريم: آيت 4)

اهڙي طرح حديث شريف ۾ آهي: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان مان ڪنهن جي ڪا شيءِ گُم ٿي وڃي يا مدد جي ضرورت هجي پر اهڙي جڳهه هجي جتي ڪو مددگار نه هجي ته ان کي گهرجي ته هيئن پڪاري: يَاعِبَادَاللهِ اَغِيْثُوْنِى، يَا عِبَادَ اللهِ اَغِيْثُوْنِى، فَاِنَّ لِلّٰهِ عِبَادًا لَا نَرَاهُمْ اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪيو، اي الله جا ٻانهؤ! منهنجي مدد ڪيو، جو الله جا ڪجهه ٻانها آهن جنهن کي اسان نٿا ڏسي سگهون. راوي فرمائن ٿا ته ”وَقَدْ جُرِّبَ ذٰلِكَ“ هي تجربو ڪيل آهي. (1)

الله ڪريم پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجي ڪوڙ صفات جو

مظهر بڻايو آهي. احاديثِ مبارڪ ۾ سيرتِ طيبہ تي ٿوري نظر وجهڻ سان هيءَ ڳالهہ چمڪندڙ سج جيان صاف ظاهر ٿي ويندي آهي تہ ربِ ڪريم جي عطا سان اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ مخلوق جا حاجت رَوا ۽ مشڪل ڪشا آهن. هن حاجت روائي واري صفت مان جِن ۽ انسان، ننڍا ۽ وڏا، چوپايا ۽ پکي، خواب سُتل ۽ جاڳندڙ سڀ ئي برڪتون ماڻي رهيا آهن.

پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاجت روائي، مشڪل ڪشائي ۽ مدد فرمائڻ جو سلسلو تمام وسيع ۽ ڪشادو آهي هن موضوع تي جليلُ القدر امام حضرت علّامہ ابو عبد الله محمد بن موسیٰ مالڪي مراڪشي (وفات: 682ھ) جن پورو ڪتاب تصنيف فرمايو آهي جنهن مان ڪيترن ئي عالمن ۽ محدثينِ ڪرام فائدو حاصل ڪيو آهي انهيءَ ڪتاب جي هڪ عبارت مان هڪ عنوان جي وسعت ڪي سمجهي سگهجي ٿو جيئن تہ لکن ٿا: وَلَوتُتُبِّعَت هٰذَا الْفَنُّ لَحَفِيَتِ الْاَقْلَامُ وَ جَفَّتِ الْمَحَابِرُ وَ فَنِيَتِ الطُّرُوسُ فِي تَتَبُّعِهٖ وَ الدَّفَاتِرُ يعني جيڪڏهن هن طرح جي واقعن کي گڏ ڪيو وڃي تہ انهن جو احاطو ڪرڻ ۾ قلم گسي وڃن، مسون خشڪ ٿي وڃن ۽ ڪاپيون ۽ رجسٽر ختم ٿي وڃن. (2)

هتي ذڪر ڪيل ڪجهہ واقعات سان پنهنجي ايمان کي تازو ڪيو جيئن تہ

**معذوري ختم ٿي وئي:** غرناط جو هڪ شخص اهڙيءَ بيماريءَ ۾ مبتلا ٿي ويو جو حڪيمن طبيبن وٽ جنهن جو ڪو علاج نہ هو. حضرت عبد الله رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان ماڻهو جي تندرستيءَ جي لاءِ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ هڪ درخواست مديني ڏانهن ويندڙن جي هٿان لکي موڪلي جنهن جو ڪجهہ مضمون هيئن هو: هي ڏکهي عرصي کان سخت بيماري ۾ مبتلا جي درخواست آهي جيڪو الله جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ روضي جي وسيلي سان شفا جو طالب آهي، ان جي پيرن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، اهو صرف هٿ سان اشارو ڪري سگهي ٿو، اي خاتمُ الرُّسل، اي شفاعت فرمائڻ وارا، هي هڪ اهڙي بيمار جي درخواست آهي جنهن جي دل روئي رهي آهي ۽ نگاهون شرم سان جهڪيل آهن، اوهان جي ظاهري حيات ۾ ان کان بعد بہ اسان جي اوهان ۾ اميد آهي تہ اوهان يقيني خطرن کي بہ دور فرمائي ڇڏيندا.

جيئن ئي اهو قافلو روضي پاڪ تي حاضر ٿيو ۽ درخواست ۾ لکيل شعرَ پڙهيا ويا تہ اهو بيمار بلڪل درست ۽ تندرست ٿي ويو. جنهن ماڻهو کي درخواست ڏني وئي هئي جڏهن اهو واپس آيو تہ ڇا ٿو ڏسي تہ اهو بيمار اهڙو تندرست ٿي چڪو آهي جڻ تہ ڪڏهن بيمار ئي نہ ٿيو هو. (3)

**مونکي ٻڏڻ نہ ڏنائين:** حضرت امام ابو عبد الله محمد بن علي خَزرجي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ هڪ پيري مان

مقامِ جَر جَر ۾ هيس. سفر جي لاءِ مون سمنڊ جو رستو اختيار ڪيو، سمنڊ ۾ اوچتو هڪ اهڙو خطرناڪ طوفان آيو جنهن جي سبب مان ٻڏڻ وارو ٿي هيس ته مون رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مدد جي لاءِ پڪاريو، اوچتو غيب مان هڪ ڪاٺي تي نظر پئي جنهن جي ذريعي مان ڪناري تائين پهتُس.

اڳتي فرمائن ٿا: نَجَانِیَ اللهُ بِاسْتِغَاثَتِی بِالنَّبِیِّ يعني الله پاڪ مونکي پنهنجي محبوب کان مدد گهرڻ جي سبب نجات ڏني. (4)

## چورن ڌاڙيلن کان حفاظت فرمائي:

حضرت شيخ ابو عبد الله حسين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجو واقعو بيان ڪن ٿا: مان ”شام“ جي شهر حِمَص ۾ ترسيل هيس، منهنجي دل ۾ هي خيال آيو ته مان مصر جي سرزمين جي زيارت ڪيان پر چوته مصر جي رستن تي ڌاڙيلن ۽ ڪافرن جو خوف هو ته مون پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو، ايئن هڪ سال تائين سفر نه ٿيو. هڪ ڀيري مان آرام ۾ هيس ته منهنجي قسمت جاڳي پئي، مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي، عرض ڪيم: يا رسولَ الله! (مان مصر وڃڻ چاهيان ٿو پر رستي ۾ مونکي ڌاڙيلن ۽ ڪافرن جو خوف آهي) مونکي اوهان جي تحفظ جي گهرج آهي، فرمايائون: توکي ڪنهن شيءِ جو خوف آهي؟ مون ٻيهر پنهنجو ارادو ظاهر ڪري چيو ته مونکي اوهان جو تحفظ گهرجي، وري فرمايائون: توکي ڪنهن شيءِ جو خوف آهي؟ مون ٽيون ڀيرو چيو ته منهنجا دشمن تمام گهڻا آهن، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وري فرمايو: توکي ڪنهن شيءِ جو خوف آهي؟ (ڄڻ ته پاڻ فرمائي رهيا هجن ته مان تنهنجي فرياد رسي ڪرڻ وارو آهيان پوءِ توکي ڪنهن شيءِ جو خوف آهي) ايتري ۾ منهنجي اک کلي وئي. پوءِ مون حمص کان مصر جو سفر هن حال ۾ ڪيو جو منهنجي دل ۾ خوف جي بدران سڪون ئي سڪون هو ۽ مان پنهنجي ساٿين سان گڏ خوشي سان پنهنجي مقام تائين پهچي ويس. (5)

## حُضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڄاڻيندا آهن:

حڪيمُ الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: اڄ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دروازي تي هر شخص پنهنجي ٻوليءَ ۾ حضور کان فرياد ڪندو آهي، ڪو ترجمو ڪرڻ وارو وچ ۾ ناهي هوندو، سيني جي ٻڌندا سمجهندا آهن، سيني جي فرياد رسي ڪندا آهن، هي آهي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڀ ٻوليون ڄاڻڻ جو ثبوت. (6)

چوته اسان جا پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف انسانن جا نبي ئي نه بلڪ تمام مخلوق جي طرف رسول بڻائي ڪري موڪليا ويا آهن ان ڪري رسولُ الله

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مشڪل ڪشائي جو هي فيضان صرف انسانن تائين ئي محدود ناهي بلڪ پاڻ مصيبتن ۾ مبتلا جانورن، پکين ايستائين جو بي جان شين جي به فرياد ٻڌندا آهن، ٻوليون سمجهندا ۽ انهن جي مدد به فرمائيندا آهن جيئن ته حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ته عربي ڳالهائيندا هئا پر سموريون ٻوليون سمجهندا هئا، ايستائين جو جانورن جون ٻوليون به سمجهي وٺندا هئا، ان ڪري اُٺن، جهرڪين حضورِ انور، شاهِ بحروبَر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آستاني تي فرياد ڪيا ۽ پنهنجي طلب ماڱي.(7) وڌيڪ فرمائن ٿا: حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام صرف جهرڪين، ڪوِلين جي ٻولي سمجهندا هئا، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڻن پٿرن، خشڪ ۽ تَر سڀني مخلوق جون ٻوليون ڄاڻيندا آهن، حضور حاجت رَوا، مشڪل ڪشا آهن، هي اهو مسئلو آهي جنهن کي جانور به مڃيندا آهن. (8)

پريشان حال اُٺن ۽ جهرڪين جي فرياد رسي جا ڪيئي واقعات محدثينِ ڪرام پنهنجي ڪتابن ۾ ذڪر فرمايا آهن.

ہاں یہیں کرتی ہیں چڑیاں فریاد ہاں یہیں چاہتی ہے ہرنی داد
اِسی دَر پر شُتُرانِ ناشاد گلۂ رنج و عنا کرتے ہیں

## بيماري دور فرمائي:

شارح بخاري حضرت امام احمد بن محمد قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه (وفات: 923ھ) پنهنجو هڪ واقعو بيان ڪن ٿا: هڪ ڀيري مونکي اهڙي بيماري لڳي جنهن جي علاج کان ڊاڪٽرن جواب ڏئي ڇڏيو. مان ڪيئي سال ان هلاڪ ڪندڙ بيماريءَ ۾ مبتلا رهيس. هڪ ڀيري مان مڪي شريف حاضر ٿيس ۽ بارگاهِ رسالت ۾ شفاياب ٿيڻ جي لاءِ استغاثو پيش ڪيو، ان دوران منهنجي اک لڳي وئي، خواب ۾ هڪ شخص آيو جنهن وٽ ڪاغذ هو، ان ۾ هيءَ عبارت لکيل هئي: هَذَا دَوَاءُ دَاءِ اَحْمَدَ بْنِ الْقَسْطَلَّانِي مِنَ الْحَضْرَةِ الشَّرِيْفَةِ بَعْدَ الْاِذْنِ الشَّرِيفِ يعني هيءَ دوا بارگاهِ رسالت مان احمد بن قسطلاني جي بيماريءَ جي لاءِ آهي اجازت ڪان بعد. جڏهن مان سجاڳ ٿيس ته مونکي ڪا بيماري نه هئي، الله جو قسم منهنجو مرض ختم ٿي چڪو هو. پاڻ فرمائن ٿا: وَحَصَلَ الشِّفَاءُ بِبَرَكَةِ النَّبِی صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني مونکي رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي برڪت سان شفا ملي وئي. (9)

## جنات کان نجات ڏياري:

حضرت امام قسطلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تَحديثِ نعمت جي لاءِ پنهنجو هڪ ٻيو واقعو ٻڌائن ٿا: مان 885 ھ ۾ زيارتِ مقدسه کان بعد مڪي شريف جي رستي کان مصر جي طرف وڃي رهيو هيس ته رستي ۾ منهنجي خادمه کي جِنّ پڪڙي ورتو. اها ڪيترا ئي ڏينهن ان بيماري ۾ مبتلا رهي. پوءِ مون ان جي شفا جي لاءِ رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ فرياد ڪيو جنهن

ڪان بعد مون هڪ خواب ڏٺو، هڪ شخص آيو جنهن سان گڏ اهو جِنّ بہ هو جنهن منهنجي خادمہ کي پڪڙيو هو. ان شخص چيو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن جِن کي اوهان وٽ موڪليو آهي، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن کان ناراض آهن ۽ هن واعدو ڪيو آهي تہ هاڻي هو ڀيهر هتي نہ ايندو. جڏهن مان سجاڳ ٿيس تہ پنهنجي خادمہ کي بلڪل پُر سڪون ڏٺم. هاڻي اها مڪمل صحت ياب ٿي چڪي هئي. (10)

اهڙيءَ طرح جا وڌيڪ واقعا پڙهي ڪري ايمان کي تازو ڪرڻ جي لاءِ امام محمد بن موسىٰ مَراڪشي جي ڪتاب مِصْباحُ الظَّلَام ۽ حضرت علّامہ يوسف بن اسماعيل نَبهاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪتاب ”شَوَاهِدُ الْحَقّ“ ۽ ”حُجّةُ اللهِ عَلَى الْعَالَمِين“ جو مطالعو تمام مفيد آهي.



(1) معجم کبیر، 117/17، حدیث:290
(2) مصباح الظلام، ص102
(3) مصباح الظلام، ص154 مختصراً
(4) حجۃ اللہ علی العالمین، ص565
(5) حجۃ اللہ علی العالمین، ص565
(6) مراٰۃ المناجیح، 38/8
(7) مراٰۃ المناجیح، 119/8
(8) مراٰۃ المناجیح، 239/8
(9) حجۃ اللہ علی العالمین، ص560
(10) حجۃ اللہ علی العالمین، ص560

اوصافِ کریم جو هڪ قطرو

# بزرگ سڳورن جا مبارڪ فرمان

# سرورِ ڪائنات

# جون خوبيون ۽ ڪمالات

سڄي دنيا ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اوصاف ۽ ڪمالات جو چرچو آهي ۽ جيڪڏهن سڄي دنيا جناب رسالت مآب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اوصاف ۽ ڪمالات کي شمار ڪرڻ جي لاءِ جمع ٿي وڃي ته سندن شمار ڪيل اوصاف ائين آهن جيئن سمنڊ جي سامهون هڪ قطرو. (فرمانِ امام يافعي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ) (مراۃ الجنان، 1/ 21 ملخصًا)

## سرورِ ڪائنات جي ڪمال واري عقل

مون اڳي زماني جي عالمن جا 71 ڪتاب پڙهيا آهن مون انهن سڀني ڪتابن ۾ ڏٺو ته حق سُبْحَانَہٗ وَتَعَالٰی دنيا جي آغاز کان وٺي دنيا جي فنا ٿيڻ تائين تمام ماڻهن کي جيتري قدر عقلَ عطا فرمايا آهن انهن سڀني جا عقل نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مقابلي ۾ ائين آهن جيئن سڄي دنيا جي ريگستانن جي مقابلي ۾ هڪ ذرو آهي، سندن راءِ انهن سڀني کان افضل ۽ اعليٰ آهي. (فرمانِ حضرت وهب بن منبه رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ) (تاريخ دمشق، ج3، ص 386 ملخصا، سبل الهدیٰ والرشاد الباب الثالث 1/ 192)

## مصطفٰي ڪريم جا ڪمال جمع ڪرڻ کان وڌيڪ آهن

سڄي ڪائنات جا ماڻهو ملي ڪري نبي ڪريم جي اوصاف کي شمار ڪرڻ چاهين ته انهن فضائل ۽ ڪمالات کي ڪامل طور بيان يا جمع نٿا ڪري سگهن جيڪي ربّ ڪائنات محبوب ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عطا ڪيا آهن. (فرمانِ شيخُ الاسلام باجوری رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ) (حاشيه الباجوری علی البردۃ، ص4)

## بيشمار وصفَ

مان قسم کڻي چوان ٿو ته جيڪڏهن تمام درياء ۽ سمنڊ منهنجي مَس هجن ها ۽ وڻ منهنجا قلم هجن ها ۽ مان پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون سڄي عمر نشانيون لکان ها ته انهن جو ڏهون حصو به نه لکي سگهان ها ڇو ته سندن نشانيون ۽ وصفون انهن چمڪندڙ ستارن کان به گهڻيون آهن.

## جنهن کي جيڪو ڪجهه مليو، هن ئي در تان مليو!

شروع کان آخر تائين زمين ۽ آسمانن ۾ بلندي ۽ آخرت ۾ دين ۽ دنيا ۾ روح ۽ جسم ۾ ننڍي يا وڏي. گهٽي يا ٿوري، جيڪا نعمت ۽ دولت ڪنهن کي ملي يا هاڻي ملي ٿي يا آئنده ملندي سيئي حضور جي بارگاهه مان ملندي ۽ ورهائجندي آهي ۽ هميشه ورهائجندي رهندي. (فرمانِ امامِ اہل سنت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ) (فتاویٰ رضویہ، ج 30، ص 141 ملخصاً)

## مصطفٰي ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو فيضان جاري رهندو

نبي ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلم جو عطا فرمائڻ، گناهن کان پاڪ ڪرڻ، سترو بڻائڻ رڳو صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم سان خاص ناهي بلڪ قيامت قائم ٿيڻ تائين تمام اُمّتِ مرحوم حضور(صلی اللہ علیہ والہ وسلم) جي انهن نعمتن مان فائدو کڻڻ واري ۽ حضور جي نگاهن ۾ رهندي. (فرمانِ امامِ اہل سنت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ) (فتاویٰ رضویہ،30/411)





# ربيعُ الأوّل جا ڪجھ اهم واقعات

5 ربيعُ الآوّل 50ھ رسول الله جي ڏوهٽي، حضرت سيّدنا امام حسن مجتبيٰ رضی اللہ عنہ جي عرس جو ڏينهن آهي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ رمضانُ المبارڪ 1438، ربيعُ الآوّل 1439 ڪان 1441ھ مڪتبۃُ المدينہ جو رسالو ”امام حسن جون 30 حڪايتون“ پڙهندا.

10 ربيعُ الآوّل 10ھ يومِ وصال حضرت سيدنا ابراهيم اِبنِ رسولُ الله رضی اللہ عنہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآوّل 1444ھ ۾ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب ”سيرتِ مصطفيٰ، صفحو 688“ پڙهندا.

12 ربيعُ الآوّل الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم جي ولادت جو ڏينهن آهي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآوّل 1439 ڪان 1443ھ ۾ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب ”آخري نبيءَ جي پياري سيرت“ پڙهندا.

12 ربيعُ الآوّل 241ھ حنبلين جي اڳواڻ حضرت امام احمد بن حنبل رحمۃُ اللہ علیہ جي وصال جو ڏهاڙو آهي، وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآوّل 1439ھ ۾ مڪتبۃُ المدينہ جو هفتيوار رسالو ”فيضانِ امام احمد بن حنبل“ پڙهندا

13 ربيعُ الآوّل 227ھ يومِ وصال مشهور وليُ الله، حضرت سيّدُنا بِشر حافي رحمۃُ اللہ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآوّل 1440 ھ ۾ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب ”فيضانِ سنّت جلد 1، صفحو 105 ڪان 109“ پڙهندا

14 ربيعُ الآوّل 94ھ يومِ وصال اسيرِ ڪربلا حضرت سيّدُنا امام زينُ العابدين رحمۃُ اللہ علیہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الآوّل 1439ھ ۾ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب ”شرح شجره قادريہ رضويہ عطّاريہ، صفحو 51 ڪان 54“ پڙهندا.

14 ربيعُ الآوّل 179ھ مالڪين جي سرواڻ حضرت امام مالڪ بن انس رحمۃُ اللہ علیہ



جو وصال مبارڪ آهي وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الْاَوَّل 1439ھ مڪتبۃُ المدينہ جو هفتيوار رسالو ”امام مالڪ جو عشقِ رسول“ پڙهندا.

20 ربيعُ الْاَوَّل 1413ھ يومِ وصال مفتيءِ اعظم پاڪستان حضرت مفتي وقارُ الدين قادري رضوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الْاَوَّل 1439، 1441ھ ۽ ”وقارُ الفتاوٰي، جلد 1، صفحو 1 کان 38“ پڙهندا.

21 ربيعُ الْاَوَّل 1052ھ يومِ وصال شيخ محقق حضرت علّامہ شيخ عبدُ الحق محدث دهلوي قادري رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الْاَوَّل 1439 ۽ 1440ھ پڙهندا.

ربيعُ الْاَوَّل 50ھ وصال مبارڪ اُمُّ المؤمنين حضرت سيّدتنا جويريہ رَضِیَ اللہُ عَنْہا وڌيڪ معلومات جي لاءِ ماهوار فيضانِ مدينہ ربيعُ الْاَوَّل 1439، 1441ھ ۽ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب ”فيضانِ اُمّهاتُ الْمؤمنين“ پڙهندا.

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net ۽ موبائل ايپليڪيشن تي موجود آهن.

# ٻارڙن جي ڪهاڻي

# انمول نعمت



مولانا حيدر علي مدني

جيئن ئي ربيعُ الاول جو چنڊ نظر آيو چوٿوءَ جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. ايئن لڳندو هو ڄڻ تہ تمام وڏو انعام ملڻ جا ڏينهن ويجهي کان ويجهو اچي رهيا هجن ۽ ڳالهہ هئي بہ اها ئي تہ ربيعُ الاول جو مهينو ئي اهو بهارن ۽ خوشين جو مهينو هو جنهن جي ٻارهين تاريخ تي دنيا ۾ الله پاڪ جي انمول نعمت يعني جنابِ محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف کڻي آيا هئا. پورو مهينو بابا سائين سان گڏ مختلف مسجدن ۾ ٿيڻ وارن ميلاد جي اجتماعن ۾ شرڪت ۽ نعتون ٻڌڻ هي تہ اهي لمحات هئا جنهن جو چوٿوءَ کي سڄو سال ئي انتظار رهندو هو. پر هن ڀيري ربيعُ الاول جو چنڊ نظر ايندي ئي چوٿوءَ هڪ نئين فرمائش سيني جي سامهون رکي ڇڏي هئي.

اصل ۾ ربيعُ الاوّل جي ڏهاڙن ۾ چوٿوءَ جي گهر ۾ بہ ڀيرا ميلاد جي محفل ٿيندي هئي، هڪ ڀيرو تہ اسلامي ڀائرن جي لاءِ 9 ربيعُ الاوّل جي رات جو ۽ ٻي 12 ربيعُ الاوّل جي ڏينهن اسلامي ڀينرن جي.

پر چوٿوءَ جو چوڻ هو تہ هن ڀيري گهر ۾ ميلاد جي ٽئين محفل بہ سجندي يعني صرف ٻارن جي لاءِ. امڙ سائڻ ۽ بابا سائين جن بہ سمجهايو تہ ننڍا ٻار اسلامي ڀينرن سان گڏ جڏهن تہ وڏا اسلامي ڀائرن سان گڏ ميلاد ۾ شريڪ ٿي ئي ويندا آهن تہ الڳ سان انهن کي جمع ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي پر اهو چوٿو ئي ڪهڙو جو ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري ۽ ان کي پورو نہ ڪري، آخر ڪار معاملو ڏاڏا سائين جي سامهون رکيو ويو جتان فيصلو چوٿوءَ جي حق ۾ ٿيو ۽ چوٿو فيصلو ڪٹڻ جي خوشي چهري تي ظاهر ڪندي ڪمري کان ٻاهر اچي ويو.

اسڪول مان اچڻ کان بعد اڄڪلهہ چوٿو جو سڄو وقت ميلاد جي تيارين ۾ گذرندو هو، پهرين ڏينهن تہ انهن اڪيلي ئي سڄي پلاننگ ڪرڻ جو سوچيو پر سامهون ڪاپي رکي ۽ هٿ ۾ پينسل (Pencil) پڪڙي سوچيندي سوچيندي اڌ ڪلاڪ گذرڻ جي باوجود

دماغ ۾ ڪو آئيڊيو نہ آيو تہ انهن وڏي ڀيڻ کان مدد وٺڻ جو ارادو ڪيو.

ڀيڻ کان مدد وٺڻ تي پهريان تہ ان جي طرف کان بناوتي فخر جو منهن ڏسڻو پيو تہ ڏنئي نہ آخرڪار وڏي ڀيڻ جي ضرورت پئجي وئي نہ چوٽو! ۽ پوءِ انهن سمجهايو تہ ڪاڏي ۽ جڳھ جو بندوبست تہ امڙ سائڻ تي ڇڏي ڏيو اها اوهان جي پريشاني ناهي هاڻي رهي ڳالھ ميلاد جي پروگرام جي تہ مونکي ٻڌاءِ اوهان جي دوستن مان ڪير قرآنِ پاڪ جي سڀ کان سُٺي تلاوت ڪندو آهي؟

ببلو ياءُ. چوٽوءَ يڪدم جواب ڏنو.

هاڻي وڏي ڀيڻ ڪاپيءَ تي تلاوت لکي ڪري ان جي سامهون ببلو جو نالو لکي ڇڏيو ايئن ئي ٽي نعتون، آخري سلام وغيره سڀ چوٽوءَ جي دوستن ۾ ورهائي ڇڏيون هڪ نعت چوٽوءَ جي بہ رکي وئي. هاڻي هو سيني کان مشڪل مرحلو يعني بيان (Speech)، چوٽوءَ جي دوستن بلڪ خود چوٽوءَ ڪڏهن بہ بيان نہ ڪيو هو ۽ بيان بہ وري ميلاد جي محفل ۾... آخر ڪار والده سان مشورو ڪيو ويو جنهن کان پوءِ طئي ٿيو تہ ٻارن جي محفلِ ميلاد ۾ ڏاڏا سائين جن جو بيان ٿيندو. محفلِ ميلاد جو وقت ست ربيعُ الاوّل ظهر کان بعد مقرر ٿيو ۽ چوٽوءَ جي ڊيوٽي لڳائي وئي تہ دوستن يا ويجهي سؤٽن کي اڪيلي يا بابا سائين سان گڏ وڃي ڪري اوهان کي ئي دعوت ڏيڻي آهي جنهن کي چوٽوءَ خوشيءَ سان قبول ڪيو.

محفلِ ميلاد جو ڏينهن اچي پهتو هو، وڏي بيٺڪ (نشست) ۾ ٻارن جي لاءِ فرش تي اڇون چادرون وڇايون ويون هيون، چوٽو بابا سائين سان گڏ ظهر جي نماز پڙهي ڪري آيا تہ امڙ سائڻ جي حڪم جي مطابق بيٺڪ جي دروازي تي دوستن جي استقبال جي لاءِ بيهي رهيا ۽ ويجهو ئي ميز تي شيشي جي پليٽ ۾ ڦوٽا رکيل هئا. آچر جي ڪري سڀ ئي ٻار وقت تي ئي پهچي ويا هئا ۽ ايئن ببلو جي تلاوت سان محفل جو باقاعده آغاز ٿي ويو. ٻئي نعت چوٽوءَ جي هئي جيئن ئي شروع ٿي ڪو بہ ٻار خاموش نہ رهي سگهيو ڇو تہ سيني ٻارن جي فيورٽ نعت هئي جن ٻارن وٽ جهنڊا هئا اهي جهنڊا باقي ٻار پنهنجا هٿ لوڏي لوڏي ڪري چوٽوءَ سان گڏ پڙهي رهيا ها:

نور والا آیا ہے نور لے کر آیا ہے
سارے عالم میں یہ دیکھو کیسا نور چھایا ہے

چوٽوءَ جي نعت جي دوران ئي ڏاڏا سائين بہ اچي ڪري پنهنجي لاءِ رکيل مخصوص ڪرسيءَ تي ويهي چڪا هئا. وڏيڪ هڪ ٻار جي نعت کان بعد انهن بيان شروع ڪري ڇڏيو:

پيارا ٻارو! ٻارهن ربيعُ الاول جي ڏينهن هر مسلمان جي چهري تي



مسڪراهٽ هوندي آهي. رنگ، نسل، زبان سڀ ڪجهه مختلف هئڻ جي باوجود ان ڏينهن دنيا جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهڻ وارا مسلمان الله پاڪ جي هن عظيم نعمت جي ملڻ تي شڪر ادا ڪري رهيا هوندا آهن جنهن نعمت جي برڪت سان باقي تمام نعمتون انهن کي ملنديون آهن يعني آخري نبي حضرت محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

پيارا ٻارو! اسان ميلاد جون خوشيون خوب شوق ۽ جذبي سان ملهائيندا آهيون ته جيئن دنيا کي خبر پئجي وڃي ته اسان کي پنهنجي نبيءَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان ڪيڏي محبت آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ ميلاد ملهائڻ جو هڪ مقصد هي به آهي ته هن ڏينهن پنهنجي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت جي ڄاڻ حاصل ڪندي پنهنجي زندگيءَ جي ڊيلي روٽين کي انهيءَ جي روشنيءَ سان سجايون. وڌيڪ به ڏاڏا سائين جون ڪجهه چڱيون ڳالهيون ٻڌڻ کان بعد ڇوٽوءَ ٻارن سان ملي ڪري نعرا لڳايا:

آمدِ مصطفٰے مرحبا مرحبا

سيرتِ مصطفٰے مرحبا مرحبا

ڏاڏي سائين جن گفتگو وري شروع ڪئي: ٻارو! اسان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سيرت ڄاڻڻ جي لاءِ هڪ نهايت ئي پيارو ۽ آسان ڪتاب آهي ”آخري نبيءَ جي پياري سيرت“ هي ڪتاب اڄ توهان سڀني کي اسان جي طرف کان تحفي ۾ ڏنو ويندو، سڀني ٻارن کي ضرور پڙهڻو آهي يا پنهنجي بابا سائين يا امڙ سائڻ کان پڙهائي ڪري هي ڪتاب ٻڌڻو آهي... ٻارن بلند آواز سان جواب ڏنو:

اِنْ شَآءَ اللّٰه!

# شفيع محشر جي حشر ڏهاڙي اچڻ جو منظر

مولانا ابوالحسن عطاري مدني

اَنَا الحَاشِرُ الَّذِی یُحْشَرُ النَّاسُ عَلَی قَدَمِی ترجمو: مان ئي حاشر آهيان(جمع ڪرڻ وارو) ماڻهو منهنجي ئي قدمن تي جمع ڪيا ويندا. (1)

اَنَا اَوَّلُ النَّاسِ خُرُوجًا اِذَا بُعِثُوا ترجمو: قيامت جي ڏهاڙي سڀ کان پهريان مان ئي اٿاريو ويندس.

اَنَا اَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ عَنْهُ الْاَرْضُ وَلَا فَخْرَ ترجمو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان مون کان ئي زمين ڪُلندي پر فخر ناهي.

اسان جو خُدا الڳ، اسان جو رسول الڳ (يعني اسان هڪ خُدا ڪي مڃڻ وارا نبي پاڪ جا غلام آهيون)

اَنَا اَوَّلُ مَنْ تَنْشَقُّ عَنْهُ الْاَرْضُ فاكون اول من يبعث

ترجمو: قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان منهنجي ئي زمين ڪُلندي سو مان ئي سڀ کان پهريان اٿڻ وارو آهيان.

ذڪر ڪيل پنج روايتن ۾ حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مزار اقدس مان ٻاهر اچڻ ۽ محشر جي ميدان ۾ تشريف آڻڻ جو ذڪر آهي. شفيع محشر جو حشر ڏهاڙي اچڻ جو انداز ٻين ڪيئي روايتن ۾ تفصيل سان مروي آهي. مختلف روايتن جو جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته ٻئي ڀيري صور ڦڪيو وڃڻ جي بعد سڀ کان پهريان رسول ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بيدار ٿيندا، پاڻ صديقِ اڪبر ۽ فاروقِ اعظم جي وچ ۾ هوندا، پوءِ بقيع وارا اٿندا، پوءِ مڪي وارا اٿندا، پوءِ پاڻ براق تي سوار ٿي صديق ۽ فاروق ۽ حرمين وارن جي وچ مان ستر هزار ملائڪن جي ميڙ ۾ ميدانِ محشر ڏانهن تشريف آڻيندا، هنن سڀني جي تفصيل هيٺ ڏنل روايتن ۾ بيان ڪئي وئي آهي.

**70 هزار ملائڪن جي ميڙ ۾:** شعب الايمان ۾ آهي ته هر صبح فجر طلوع ٿيڻ وقت 70 هزار ملائڪ نازل ٿيندا آهن ايتري تائين جو اهي حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قبر اطهر ڪي گهيري وٺندا آهن



۽ پرن سان ڍڪي ونندا آهن ۽ شام تائين درودِ پاڪ موڪليندا رهندا آهن، وري شام جي وقت اهي آسمانن ڏانهن چڙهي ويندا آهن ۽انهن ئي جي مثل ٻيا 70 هزار لهندا آهن، اهي بہ انهيءَ مثل عمل ڪندا آهن. ايتري تائين جو قيامت جي ڏينهن رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي قبر مبارڪ مان ٻاهر تشريف کڻي ايندا تہ 70 هزار ملائڪن جي وچ ۾ ايندا جيڪي سندن عزت ۽ تعظيم جي لاءِ حاضر هوندا.

بخاري شريف ۾ آهي تہ جڏهن پهريون ڀيرو صور ڦوڪيو ويندو تہ زمين ۽ آسمان ۾ سڀئي بي هوش ٿي ويندا سواءِ انهن جي جن کي الله چاهي، وري ٻيو ڀيرو صور ڦوڪيو ويندو تہ سڀ کان پهريان مان ئي اٿاريو ويندس.

## ڏانهن صديق، هو ڏانهن فاروق:

ترمذي شريف ۾ آهي تہ هڪ ڀيرو رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ گهر کان ٻاهر تشريف وٺي ويا ۽ مسجد ۾ اهڙي ريت داخل ٿيا جو جناب ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروقِ اعظم سندن ساڄي ۽ کاٻي پاسي هئا ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هٿن ۾ انهن جا هٿ هئا. ان وقت پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: اسان قيامت جي ڏينهن بہ اهڙي ئي طرح اٿاريا وينداسين.

## بقيع وارن ۽ مڪي وارن جي ميڙ ۾

حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد شيخينِ ڪريمين ۽ وري بقيع وارن ۽ مڪي وارن جي اٿاريو وڃڻ جو ذڪر ترمذي شريف جي روايت ۾ ڪجهه هيئن آهي تہ رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: سڀ کان پهريان مون کان ئي زمين ڳُلندي، پوءِ ابوبڪر ۽ عمر کان، پوءِ مان بقيع وارن وٽ ايندس تہ اهي مون سان گڏ هوندا پوءِ مان مڪي وارن جو انتظار ڪندس، ايستائين جو حرمين جي وچ ۾ انهن سان ملندس. (ترمذي، 5/388، حديث: 3712)

جڏهن تہ مسند حارث جي روايت ۾ آهي تہ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بقيع وارن جي اٿڻ کان بعد مڪي وارن جو انتظار فرمائيندا، پوءِ جڏهن اهي اچي ويندا تہ انهن سان گڏ حشر جي ميدان ۾ ويندا.



## سرورِ ڪائنات جي حشر جي ميدان ۾ آمد ۽ بلالِ حبشي جي آذان:

جليل القدر صحابي حضرت سَيِدُنا ابُو هرَيرَه رَضِیَ اللہُ عَنْه ميدانِ محشر ۾ جمع ٿيڻ جي انداز ڪي روايت ڪن ٿا تہ رسولِ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو: قيامت جي ڏينهن انبياءڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام ڪي انهن جي قبرن مان محشر جي ميدان ۾ سوارين تي گڏ ڪيو ويندو، حضرت صالح عَلَيْهِ السَّلَام ڪي سندس ڏاچي تي آندو ويندو ۽ منهنجي پٽن حسن ۽ حسين ڪي منهنجي ڏاچي عضباء تي آندو ويندو ۽ مون ڪي براق تي آندو ويندو جنهن جو قدم جيستائين ان جي نگاهہ هوندي ايترو هوندو، پوءِ اهي خالص آذان ڏيندا ۽ سچي سچي گواهي ڏيندا ايستائين جو جڏهن هو اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله چوندا: تہ تمام پهريان ۽ آخر وارا انهن سان گڏ اها ئي گواهي ڏيندا، پوءِ گواهي قبول ڪئي ويندي جنهن جي قبول ڪئي ويندي ۽ رد ڪئي ويندي جنهن جي رد ڪئي ويندي.

هڪ ٻئي روايت ۾ آهي تہ حضرت معاذ رَضِیَ اللہُ عَنْه جي سوال تي حضوراڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ارشاد فرمايو تہ مان ان ڏينهن براق تي سوار ٿيندس ۽ انبياء جي وچ ۾ اها رڳو منهنجي خاصيت هوندي، پوءِ پاڻ حضرت بلال ڏانهن نهاري فرمايو تہ هي جنتي ڏاچيءَ تي سوار ٿي ايندا ۽ ان جي پٺيءَ تي آذان ڏيندا، جڏهن پهريان واريون امتون ۽ انهن جا انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا الله، اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله ٻڌندا تہ بلال ڏانهن نهاريندا ۽ چوندا تہ اسان بہ هن جي گواهي ڏيون ٿا.



# اُمتِ مصطفيٰ جا فضائل

مولانا محمد ناصر جمال عطاري مدني

الله پاڪ جي هن فرمان:
﴿كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ اُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ﴾
ترجمو ڪنز الايمان: توهان بهترين امت آهيو انهن سڀني امتن ڪان جيڪي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون) جي باري ۾ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو: اَنْتُمْ تُتِمُّوْنَ سَبْعِيْنَ اُمَّةً اَنْتُمْ خَيْرُهَا وَاَكْرَمُهَا عَلَى الله يعني توهان 70 امتون مڪمل ڪندؤ. الله جي ويجهو توهان انهن سڀني ڪان بهتر ۽ عزت وارا آهيو.(1)

اهو اسان تي الله تعاليٰ جو خاص فضل آهي جو هن اسان کي مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو امتي بڻايو، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي الله پاڪ امت مصطفي کي جيڪي فضيلتون عطا ڪيون آهن، انهن ۾ سڀ کان وڏيڪ اعزاز اهو آهي ته هي امت سڀني امتن کان بهترين آهي. ترمذي شريف جي هن حديث مبارڪ ۾ به انهيءَ اعزاز جو ذڪر آهي،

شارحينِ حديث هن جي جيڪا تفصيل بيان فرمائي آهي ان جو خلاصو هي آهي:

**بهترين امت مان مراد:** الله پاڪ جي علم ۾ اُمتِ مصطفي سڀني امتن کان بهترين آهي، هن (امت) جو بهتر هجڻ لوح محفوظ ۾ لکيو ويو هو، ۽ اڳين امتن ۾ امتِ مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن خوبي جو چرچو رهيو آهي.(2)

امت مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ "بهترين "هجڻ جو اعزاز سڀني جي لاءِ آهي يا مخصوص ماڻهن جي لاءِ آهي.؟ ان حوالي سان ڪجھ اقوال آهن:

(1) رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: سڀ کان بهترين ماڻهو منهنجي زماني جا آهن ۽ ان کان بعد اهي جيڪي انهن سان گڏ آهن ۽ پوءِ انهن کان بعد وارا ماڻهو سڀني کان بهتر آهن.(3)

هي حديث پاڪ ان ڳالھ جي دليل آهي ته هي فضيلت صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم جي لاءِ آهي ۽ هن امت جا ابتدائي ماڻهو پنهنجي بعد اچڻ وارن کان افضل آهن.(4)



(2) بهترين هجڻ ۾ پوري امتِ مصطفيٰ داخل آهي چو ته بهترين هجڻ جا اهي اسباب پوري امت ۾ موجود آهن، مثلاً حسن اعتقاد، ايمان تي ثابت قدمي، ڏينهون ڏينهن دلين ۾ وڌندڙ عشق رسول ۽ دامنِ اسلام کي ڪنهن به قيمت تي نه ڇڏڻ وغيره. (5) حڪيم الأمّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حق هي آهي ته هن ۾ خطاب رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڄي امت کي آهي جيتوڻيڪ هن امت ۾ گناهگار به آهن پر ڇاڪاڻ ته انهن کي حضور سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان نسبت آهي ان جي ڪري هن خيريت (بهتر هجڻ ) ۾ اهي به داخل آهن، موتي مٽيءَ ۾ ملي ڪري به موتي ئي رهندو آهي شرط اهوآهي ته حضور سرور عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وابسته رهن.(6)

(3) اهو اعزاز فقط مهاجرين کي حاصل آهي.

(4) ان مان مراد شهيد ۽ صالح ماڻهو آهن

(5)بهترين جو اعزاز اُنهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي چڱائيءَ جو حڪم ڏين ٿا ۽ برائي کان روڪين ٿا. (7) نيڪيءَ جو حڪم ڏيڻ ۽ برائيءَ کان منع ڪرڻ، بهترين جو اعزاز حاصل ڪرڻ جي لاءِ شرط آهي، جڏهن ماڻهو ان کي ڇڏي ڏيندا ته اهو اعزاز ختم ٿي ويندو،(8) امام مجاهد رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايو: ماڻهن ۾ ظاهر ٿيڻ وارين امتن ۾ توهان سڀ کان بهترين امت ان وقت چورائيندؤ جڏهن توهان ۾ آيتِ مبارڪ ۾ بيان ڪيل شرط(يعني نيڪي جو حڪم ڏيڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ) پاتا وجن.(9)

## ستر جي تعداد کي پورو ڪرڻ جو

**مفهوم:** ستر جو تعداد ڪثرت کي بيان ڪرڻ لاءِ آيو آهي يعني ڪيترئيون ئي امتون آيون آهن، جن ۾ سڀ کان افضل امتِ مصطفيٰ آهي يا ان جو مطلب هي آهي ته جن انبياءڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام تي ماڻهن جي وڏي تعداد ايمان آندو انهن امتن جو تعداد 69 آهي ۽ 70هين امت هجڻ جو شرف آخري نبي محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت کي حاصل آهي. اتمام (مڪمل ڪرڻ) جو هڪ مطلب آهي آخري هجڻ، يعني جيئن ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري نبي آهن، ائين ئي امت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ کان آخري امت آهي.(10)

## اُمت مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 30

**فضائل ۽ اعزاز:** الله تعالٰي اُمت محمديہ کي بيشمار فضيلتن ۽ مرتبن سان نوازيو آهي، مثال طور

(1) پاڻي جي غير موجودگيءَ ۾ تيمم جي اجازت ڏني

(2) پاڻي کي گندگي دور ڪرڻ جو ذريعو بڻايو.

(3) جمعي جي نماز جي نعمت عطا فرمائي

(4) نمازِ باجماعت جي اعزاز سان نوازيو

(5) هن امت جي اتفاق کي دليل ۽ اختلاف کي رحمت بڻايو، جڏهن ته اڳين جو اختلاف عذاب هو.

(6) طاعون کي امت لاءِ شهادت ۽ رحمت بڻايو ويو، ۽ اها (بيماري) اڳين امتن لاءِ عذاب هئي

(7) دعا کي قبوليت جو درجو ڏنو ويو

(8) وضو کي گناهن جي بخشش جو ذريعو بڻايو ويو

(9) جڏهن تسبيح کندڙ امتي پهاڙن ۽ وڻن جي پاسي کان گذرندا آهن ته اهي شيون هڪبئي کي مبارڪون ڏينديون آهن.

(10) امت محمديہ جي اعمالن ۽ روحن جي لاءِ آسمانن جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ ملائڪ انهن کي مبارڪ باد ڏيندا آهن.

(11) انهن ۾ قطب، اوتاد، نجبا ۽ ابدال (11) آهن. امام حسن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن ابدال نہ هجن ها تہ زمين پنهنجي خزانن سميت دٻجي وڃي ها، جيڪڏهن نيڪ ماڻهو نہ هجن ها تہ زمين ۾ فساد هجي ها، جيڪڏهن عالم نہ هجن ها تہ ماڻهو جانورن وانگر هجن ها.

(12) آسمان جا ملائڪ اُمت جي آذان ۽ تلبيہ کي ٻڌندا آهن.

(13) امت مان ڪو هڪ بہ اهڙو ناهي جنهن کي رحمت سان نہ نوازيو وڃي

(14) جڏهن هيءَ امت جهاد ڪندي آهي تہ ملائڪ بہ موجود هوندا آهن

(15) هن امت کي قرآن مجيد ۾ ”اي ايمان وارؤ“ چئي سڏيو ويو آهي، جڏهن تہ اڳين امتن کي سندن ڪتابن ۾ ”اي مسڪينؤ.!“ چئي پڪاريو ويو هو.

(16) سجدن جو اثر سندن چهرن مان ظاهر ٿيندو.

(17) هن امت کي جلدي پلصراط پار ڪرڻ جو اعزاز حاصل ٿيندو

(18) نيڪ ماڻهو گنهگارن جي شفاعت ڪري سگهندا.

(19) هن امت جا اهي ماڻهو جن کي الله تعاليٰ هن دنيا ۾ پنهنجي ڪيل ڪمن جي سزا ڏيندو، پوءِ اهي قيامت جي ڏينهن انهن گناهن کان پاڪ ٿي ڪري ايندا

(20) هن امت جا ستر هزار ماڻهو بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل ٿيندا

(21) هن امت کي پنجن نمازن جي نعمت سان نوازيو ويو آهي ۽ اهي نمازون انهن جي گناهن جي بخشش جو وسيلو آهن.

(22) الله تعاليٰ سڀ کان وڏيڪ آسانيون هن امت کي عطا فرمايون آهن

(23) اڳين امتن ۾ گناهن کان توبہ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي مارڻو پوندو هو، هن امت مان اها آزمائش ختم ڪئي وئي

(24) اڳين امتن ۾ حرام ڏانهن ڏسڻ واري نگاهہ جو ڪفارو اک ڪيڻ هو، اهو ڪفارو هن امت لاءِ جائز ناهي.

(25) اڳين امتن ۾ جتي گندگي لڳندي هئي ان کي پاڻي سان پاڪ نہ ڪري سگهبو هو بلڪ ڪٽڻو پوندو هو، هن امت لاءِ ائين ناهي.

(26) اڳين امتن ۾ مال جو 25 فيصد زڪوات ڏيڻ جو حڪم ڏنو ويو، پر هن امت کي رڳو اڍائي فيصد ڏيڻ جو حڪم آهي

(27) اڳين امتن ۾ جنهن شخص خودڪشي ڪئي ان تي جنت حرام هئي، هن امت لاءِ اهو حڪم نہ آهي.

(28) جيڪڏهن هن امت جي ڪنهن فرد جو عمل نامقبول هجي تہ هن جي پرده داري رهي ٿي، جڏهن تہ اڳين امتن کي عمل جي نامقبول ٿيڻ تي ذلت ڏسڻي پوندي هئي،

بني اسرائيل جو ڪو بہ فرد ڪو گناهہ ڪندو هو تہ ان کي ڪاڌي جي ذائقي کان محروم ڪيو ويندو هو ۽ ان جا گناهہ گهر جي دروازي تي لکيا ويندا هئا،

رب پاڪ هن امت تي اهو پردو رکيو آهي تہ معافي گهرڻ سان هو انهن جا گناهہ معاف ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پشيماني ۽ شرمساري انهن جي توبهہ آهي.

(29) اڳين امتن تي اچڻ وارا عذاب هن امت تي نہ ايندا،

(30) اڳين امتن جي مقابلي ۾ امتِ محمديہ جون عمرون ۽ عمل گهٽ جڏهن تہ ثواب وڌيڪ آهي. (12)

# نبي ڪريم ﷺ جي ٻارڙين تي شفقت

مولانا آصف جھانزيب عطاري مدني

نبي ڪريم ﷺ سڄي انسانيت جي لاءِ رحمت بڻجي آيا، پاڻ ماڻھن کي رهڻ جو طور طريقو سيکاريو، عرب جو اهو معاشرو جتي ٻارڙين کي زندھ دفن ڪيو ويندو هو، اتي پاڻ ڪريم ﷺ ٻارڙين کي سندس حق ڏياريا ۽ پاڻ بہ ٻارڙين سان محبت ۽ شفقت سان پيش اچڻ جو عملي نمونو پيش فرمايو. نبي ڪريم ﷺ جي ٻارڙين تي شفقت جا ڪجھ واقعا پڙهو:

**ظلم جي داستان ٻڌي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا:** هڪ شخص بارگاھِ رسالت ۾ حاضر تي عرض ڪيو: يارسول الله ﷺ! اسان جاهليت واري زماني ۾ بتن جي پوڄا ڪندا هئاسين پنھنجي اولاد کي ماري ڇڏيندا هئاسين، منھنجي هڪ ڌيءَ هئي، جڏهن مان ان کي سڏيندو هئس تہ خوش ٿيندي هئي. هڪ ڏينهن مون ان کي سڏيو تہ خوشيءَ سان منھنجي پٺيان هلڻ لڳي، اسان ويجهو ئي هڪ کوھ تي پھتاسين، مون ان جو هٿ پڪڙيو ۽ کوھ ۾ اڇلائي ڇڏيو! (ويچاري روئي روئي) بابا سائين! بابا سائين! چوندي ٻاڏائيندي رهي ۽ مان اتان هليو ويس. اهو ٻڌي ڪري رحمتِ عالم ﷺ جي مبارڪ اکين مان لڙڪ وهي آيا.(1)

**پنھنجي ڏوهٽي کي نماز ۾ بہ سنڀاليو:** حضرت ابو قتاده رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ حضور نبي ڪريم ﷺ (امامت ڪرائيندي) نماز جي حالت ۾ حضرت أمامہ بنت زينب بنتِ رسول ۽ ابوالعاص بن ربيع جي ڌيءَ يعني پنھنجي ڏوهٽي کي کنيل هئا، جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ سجدو ڪندا هئا تہ ان کي هيٺ لاهي ڇڏيندا هئا، جڏهن قيام فرمائيندا هئا تہ ان کي کڻي وٺندا هئا. (2)

## مديني جي ٻارڙين سان محبت جو اظهار:

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جو مديني پاڪ جي گهٽين مان گذريو ٿيو تہ

اتان جي ٻارڙين نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي آمد تي خوشي مان اشعار پڙهيا: نَحْنُ جَوَارٍ مِّنْ بَنِی النَّجَّارِ يَاحَبَّذَا مُحَمَّدٌ مِّنْ جَارٍ

ترجمو: اسان ”بنو نجار“ جي خاندان جون ٻارڙيون آهيون، واهه ڪيترو نه سٺو ٿيو جو حضرت محمد صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان جا پاڙيسري ٿي ويا.

نه پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: الله خوب ڄاڻي ٿو ته مان به توهان سان تمام گهڻي محبت رکان ٿو. (3)

**ٻارڙيءَ کي پڪارڻ جو پيار پريو انداز:** حضرت اُمِّ سلمه رَضِیَ اللہ عَنْہَا جڏهن حضوراقدس صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نڪاح مبارڪ ۾ آيون ته سندن هڪ ڌيءَ زينب کير پيئندي هئي، رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف کڻي ايندا ها ته وڏي محبت سان پڇندا هئا: رُناب ڪاٿي آهي؟ رُناب ڪاٿي آهي؟ (4)

**حضرت فاطمه سان محبت پريو ورتاءُ:**

اهڙو معاشرو جتي سخت دلي پنهنجي عروج تي هئي ۽ پنهنجي گل جهڙين ڌيئرن کي زنده دفن ڪيو ويندو هو، ان معاشري ۾ رسول ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڌيئرن کي عزت ڏئي تحفظ ڏنو ۽ محبت ڏني جيئن روايت ۾ آهي : جڏهن حضرت سيده فاطمه رَضِیَ اللہ عَنْہَا پاڻ وٽ اينديون هيون ته پاڻ سندن استقبال جي لاءِ اٿي بيهندا هئا، کين هٿ پڪڙي چُمندا هئا، پوءِ پنهنجي جاءِ تي ويهاريندا هئا.(5)

الله ڪريم هر معاشري کي ٻارڙين تي شفقت ڪرڻ ۽ انهن سان پيار ۽ محبت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1 دارمی، 14/1، حدیث: 2 ملخصاً
2 بخاری، 192/1، حدیث: 516
3 ابن ماجہ، 439/2، حدیث: 1899
4 سنن کبریٰ للنسائی، 294/5، حدیث: 8926
5 ابو داؤد، 454/4، حدیث: 5217





# اڇو ٻارو
# حديثِ رسول پڙهون ٿا
# پياري نبي جي محبت

محمد جاويد عطّاري مدني

اسان جي پياري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: پنهنجي ٻارن کي ٽي سٺيون ڳالهيون سيکاريو(انهن مان پهرين هيءَ آهي): حُبَّ نَبِيِّكُمْ يعني پنهنجي نبي جي محبت سيکاريو. (جامع صغير، ص25، حديث: 311ملتقطاً) هن حديث پاڪ ۾ ٻارن کي پياري نبي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي محبت سيکارڻ جو فرمايو ويو آهي.

پيارا ٻارو! رسولِ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي محبت ڪڏهن نہ ختم ٿيندڙ دولت آهي، اها عظيم دولت هر ڪنهن کي ناهي ملندي، محبتِ رسول جو درس الله پاڪ ڏنو، رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪرڻ وارن جي الله پاڪ تعريف فرمائي ۽ انهن کي ڪامياب انسان قرار ڏنو، محبتِ رسول جنت حاصل ڪرڻ ۽ الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جو اهم ذريعو آهي.

صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا. ايستائين جو نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ وضو فرمائيندا هئا تہ صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان وضو جو پاڻي هيٺ نہ ڪرڻ ڏيندا هئا بلڪ پنهنجي هٿن ۾ جهلي وٺندا هئا ۽ چهري تي مليندا هئا، حضور جنهن ڪم کان منع ڪندا هئا ان کي نہ ڪندا هئا، جنهن ڪم جو حڪم ڏيندا هئا ان تي عمل ڪندا هئا.

پيارا ٻارو! جنهن سان محبت ۽ پيار هوندو آهي ان جي ڳالهہ مڃي ويندي آهي، ان جي فرمانبرداري ڪئي ويندي آهي. اسان کي بہ گهرجي تہ پياري نبي محمد مصطفٰي صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪيون، انهن جي سنتن تي عمل ڪيون، انهن جي سيرت پاڪ جون ڪتابون پڙهون، پنهنجي ماءُ، پيءُ، وڏي ڀاءُ يا گهر ۾ جيڪو ڄاڻڻ وارو هجي ان کان معلومات وٺون، مسجد ۾ نمازِ جمعہ کان بعد ٿيڻ واري درود و سلام ۾ شرڪت ڪيون، جشنِ ولادت جي جلوس ۾ والد يا وڏي ڀاءُ سان گڏ شرڪت ڪيون، مدني چينل ڏسون ۽ درودِ پاڪ جي ڪثرت

**كيون هن سان پياري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ
**جي محبت ۾ اضافو ٿيندو.** اِنْ شَآءَاللّٰه

**الله پاڪ اسان کي پنهنجي نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **سان محبت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم





# محبتِ رسول جون نشانيون
# حقيقي محبِّ رسول ڪير؟

جھڙي طرح والدين، اولاد ۽ ٻين رشتيدارن جا اسان تي حق آهن اهڙي طرح الله پاڪ جي آخري نبي محمدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا بہ ڪجھ اسان تي حق آهن جيڪي ٻين حقن کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا، انهن مان هڪ حق تہ هيءُ بہ آهي تہ اسان سڀني جهان کان وڌيڪ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت رکون ۽ سڄي دنيا جي محبوب شين کي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي محبت تي قربان ڪري ڇڏيون. يقينًا نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان جيڪو مسلمان بہ سچي عقيدت ۽ محبت رکندو، سندن حقوق کي سڃاڻي دل سان انهن جو ادب ۽ احترام ڪندو تہ اهو دنيا ۽ آخرت ۾ خوش نصيب هوندو پر اها خوش نصيبي هر ڪنهن کي ناهي ملندي، محبت رسول جي دعويٰ ڪرڻ الڳ ڳالهہ آهي جڏهن تہ حقيقت ۾ محبِّ رسول هجڻ ٻي ڳالهہ آهي، هن ڳالهہ کي ائين ڪٿي سمجهو تہ دعوٰي درست تڏهن ثابت ٿيندي آهي جڏهن ان سان گڏ دليل بہ پاتي وڃي، ائين ئي محبِّ رسول هجڻ هڪ دعوٰي آهي جيڪا حقيقت ۾ درست تڏهن مڃي ويندي جڏهن ان سان گڏ ان جي دليل بہ پاتي وڃي.

**محبتِ رسول جون نشانيون:** محبتِ رسول جو دليل ۽ نشاني ڪهڙي آهي، هن بابت 3 بزرگن جا اقوال پيش ڪجن ٿا:

(1) شيخ عبدُ الحق محدث دهلوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: ”ڪامل مومن جي ايمان جي نشاني هيءُ آهي تہ مومن جي ويجهو رسولِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ تمام شين ۽ تمام ماڻهن کان وڌيڪ محبوب ۽ تعظيم وارو هجي، مومن حقوق جي ادائيگي ۾ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کي مٿانهون مڃي، هن طرح جو حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي آندل دين تي عمل ڪري، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سنتن جي پيروي ڪري، پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو ادب ڪري، پنهنجو اولاد، پنهنجا ماءُ پيءُ، مٽ مائٽ ۽ دوست يار ۽ مال ۽ اسباب تي حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رضا ۽ خوشي کي مقدم

ركي، پنهنجي هر پياري شيءِ ايستائين جو پنهنجي جان جي هلاڪت تي بہ راضي رهي پر حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حق ڪي سڀ ڪان اعلي سمجهي ."(1)

(2) مُفَسِّرِشَہِیرحکیمُ الاُمّت حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضور سان محبت جي علامت اها آهي تہ سندن طرفان ڏنل احڪامن، اعمالن، سنتن، قرآن، فرمانن ۽ مديني جي خاڪ سان محبت هجي، نماز نہ پڙهڻ وارا، روزا نہ رکڻ وارا چرسي موالي عشقِ رسول جو دعوٰي ڪن تہ ڪوڙا آهن محبت جي علامت اطاعت آهي.(2) هڪ جڳهہ تي فرمائن ٿا سڀ ڪان وڏيڪ خوش نصيب اهو آهي جنهن ڪي سياڻي قيامت جي ڏينهن (جنت ۾) حضور پاڪ صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب نصيب ٿي وڃي. هن قرب جو ذريعو نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت آهي ۽ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جو ذريعو اتباعِ سنت، ڪثرت سان درود شريف جي تلاوت، حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حالاتِ طيّبہ جو مطالعو ۽ سندن محبت وارن جي صحبت آهي، اها صحبت اثر انداز آهي. هڪ جاءِ تي لکن ٿا: سموريون عبادتون محبتِ رسول جون شاخون آهن، پر محبت سان گڏ اطاعت بلڪ پيروي ڪرڻ ضروري آهي. شادي جو ڪاڏو صرف عمده لباس سان ناهي ملندو بلڪ گهوٽ سان تعلق سبب ملندو آهي جيڪڏهن رب پاڪ سان ڪجهہ وٺڻو آهي تہ حضور پاڪ سان تعلق جوڙڻو پوندو.(3)

(3) علامہ عبدالمصطفٰي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: محبتِ رسول جو دعوٰي ڪرڻ وارا تہ ڪيئي ماڻهو آهن. پر ياد رکو تہ هن جون ڪجهہ نشانيون آهن جن ڪي ڏسي ڪري فيصلو ڪري سگهجي ٿو واقعي هن جي دل ۾ عشقِ رسول جو ڏيئو روشن آهي. انهن علامتن مان چند هي آهن. (1) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر قول ۽ فعل جي پيروي، سندن سنتن تي عمل، حڪم ڏيڻ ۽ منع ڪرڻ جي فرمانبرداري، مطلب تہ شريعتِ مطهره تي مڪمل طور عامل ٿي وڃڻ (2) سندن ذڪر ڪثرت سان ڪرڻ، تمام گهڻو درود شريف پڙهڻ، سندن ذڪر جي محفلن مثال طور ميلاد شريف ۽ ديني جلسن جو شوق ۽ هنن مبارڪ محفلن ۾ حاضري (3) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ انهن سيني ماڻهن ۽ انهن شين سان محبت ۽ انهن جو ادب ۽ احترام جن ڪي رسول الله سان نسبت ۽ تعلق آهي. مثال طور صحابہ ڪرام، ازواجِ مطهّرات، اهلِ بيت اطهار رِضْوَانُ اللهِ عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن، مديني جو شهر، قبرِ انور، مسجدِ نبوي، سندن آثار ۽ مشاهدا، قرآنِ مجيد ۽ احاديثِ مبارڪ، سيني جي تعظيم ۽ عزت ۽ انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ (4) حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دوستن سان دوستي ۽

انهن جي دشمنن يعني بي دينن، بدمذهبن سان دشمني رکڻ (5) دنيا کان بي رغبتي ۽ فقيري کي مالداري سان بهتر سمجهڻ. ان کري جو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ارشاد آهي تہ مون سان محبت کرڻ واري جي طرف فقر ۽ فاقو ان کان بہ جلدي پهچندو آهي جيئن پاڻي جو سيلاب پنهنجي منزل جي طرف وڌندو آهي.(4) منهنجي تمام عاشقانِ رسول سان فرياد آهي! محبتِ رسول جيڪا ايمان جي اصل بلڪ ايمان جي بہ جان آهي ان کي پنهنجي دلين ۾ وڌائيندا رهو، صرف دعويٰ ڪندڙ نہ بلڪ حقيقي محبّ ۽ عاشقِ رسول بڻجو، حضور اکرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آندل قرآن ۽ سندن فرمان تي عمل ڪيو، سندن سيرت مبارک ۽ سنتن جي معلومات حاصل کري ان تي عمل ڪيو، ان جي لاءِ خاص طور تي مکتبة المدينہ تان ٽي کتاب (1) سيرت مصطفٰي (2) آخري نبي جي پياري سيرت (3) ۽ 550 سنتون ۽ آداب حاصل کري ان جو مطالعو ڪيو، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ سندن سان نسبت رکڻ واري هر انسان ۽ هر شيءِ جو ادب ڪيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ وڌ کان وڌ درود ۽ سلام جا نذرانہ پيش ڪيو ۽ مرندي وقت تائين هر معاملي ۾ پاڻ کريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آندل شريعت تي ئي عمل ڪيو. الله کريم اسان کي حقيقي طور تي پنهنجي پياري ۽ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا حق ادا کرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) اشعۃ اللمعات،50،51/1 ملخصًا
(2) مراٰۃ المناجیح،603/6
(3) مراٰۃ المناجیح، 589،590/6
(4) ترمذی،156/4،حدیث:2357،سیرت مصطفٰی،ص836۔

تفسير قرآنِ ڪريم

# نور ئي نور

مفتي محمد قاسم عطاري

الله پاڪ فرمائي ٿو:

قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ (۱۵)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ توهان وٽ الله جي طرف کان هڪ نور اچي ويو ۽ هڪ روشن ڪتاب. (سيپارو 6، سورة مائدة: آيت 15)

**تفسير:** نور جي لغوي ۽ اصطلاحي معنٰي: نور جي لغوي معنٰي روشني، چمڪ دمڪ ۽ سوجهرو آهي پڻ ان کي به نور چيو ويندو آهي جنهن مان روشني ۽ سوجهرو نڪرندو هجي. نور جي اصطلاحي تعريف هي آهي ته نور اهو آهي جيڪو پاڻ ظاهر هجي ۽ ٻين کي ظاهر ڪري. پوءِ نور جا ٻه قِسم آهن: نورِ حسي ۽ نورِ معنوي. نورِ حسي اهو جيڪو اکين سان ڏسي سگهجي، جيئن اُسَ ۽ چراغ جي روشني، هي نورَ پاڻ ظاهر آهن ۽ پنهنجي دائري ۾ اچڻ واري اشياء کي ڏسڻ واري جي لاءِ ظاهر ڪري ڇڏيندا آهن. نورِ معنوي اهو آهي جنهن جي روشني اک محسوس نہ ڪري سگهي، پر عقل چئي ته هن کان اونداهي ختم ٿي رهي آهي، هن کان عقلي ۽ معنوي اُمور ظاهر ٿي رهيا آهن، هي نور آهي، هي روشني آهي. هن معنٰي جي اعتبار سان اسلام، قرآن، هدايت ۽ علم کي نور چيو ويندو آهي.

**حقيقتِ محمديہ جو بيان:** پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي حقيقت الله پاڪ نور بڻائي ۽ لباسِ بشريت ۾ هن دنيا ۾ مبعوث فرمايو، جيئن ته مٿي آيت ۾ ٻڌايو ويو ته ماڻهن وٽ الله پاڪ جي طرف کان نور اچي ويو ۽ ان نور مان مراد اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي ذات مبارڪ آهي، جيئن ته علامہ جلالُ الدّين سيوطي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه



لفظ ”نُور“ جي تفسير لکندي فرمائن ٿا: ”وَهُوَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ“ نور مان مراد نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهن. (تفسيرجلالين، المآئدة، تحت الآية: 15، 33/2) علّامہ صاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: ”وَسُمِّيَ نُوْرًا لِاَنَّهٗ يُنَوِّرُ الْبَصَائِرَ وَ يَهْدِيْهَا لِلرَّشَادِ وَ لِاَنَّهٗ اَصْلُ كُلِّ نُوْرٍ حِسِّيٍّ وَ مَعْنَوِيٍّ“ يعني حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو نالو هن آيت ۾ نور رکيو ويو ان ڪري جو حضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بصيرتن کي روشن ڪندا آهن ۽ انهن کي رُشد و هدايت فرمائيندا آهن ۽ ان ڪري جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر نور حسّي (اهو نور جنهن کي ڏسي سگهجي) ۽ معنوي (جيئن علم ۽ هدايت) جي اصل آهن. (تفسير صاوى، المآئدة، تحت الآية: 15، 486/2)

## نورِ محمدي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تخليق جي

صورت هيئن آهي تہ (اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِؕ) يعني الله آسمانن ۽ زمين کي روشن ڪرڻ وارو آهي، (سيپارو 18، سورة نور: آيت 35) نورِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي هن طرح پيدا فرمايو جو هن تمام مخلوق کان پهريان اسان جي آقا ۽ مولا، محمدِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نور کي پنهنجي نور جي فيضان مان پيدا فرمايو، پوءِ سڄي ڪائنات کي انهيءَ نور مان وجود بخشيو، جيئن تہ مصنف عبد الرزاق ۾ آهي: عن جابر بن عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا قال: قلت يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بابى انت وامى اخبرنى عن اول شئى خلقه الله تعالىٰ قبل الاشياء قال يا جابر ان الله تعالىٰ قد خلق قبل الاشياء نور نبيك من نوره ترجمو: حضرت جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي انهن فرمايو تہ مون بارگاهِ رسالت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان! مونکي ٻڌايو تہ الله پاڪ سڀ کان پهريان ڪهڙي شيءِ کي پيدا ڪيو؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: اي جابر! بيشڪ الله پاڪ تمام مخلوق (کي پيدا ڪرڻ) کان پهريان تنهنجي نبي (محمدِ مصطفٰي) جو نور پنهنجي نور مان پيدا فرمايو (ان کان بعد ڊگهي حديث آهي تہ ان نور جا چار حصا ڪيا ويا جنهن مان لوح، قلم ۽ عرش ٺاهيا ۽ چوٿين حصي جا وري چار حصا ڪيا ۽ ايئن ورهائيندي ورهائيندي سڄي ڪائنات وجود ۾ آئي). (الجزء المفقود من الجزء الاول من المصنف لعبدالرزاق، ص63، حديث: 18، المواهب اللدنيہ،36/1)

تیرے ہی ماتھے رہا اے جان سہرا نور کا
بخت جاگا نور کا چمکا ستارا نور کا

تو ہے سایہ نور کا ہر عضو ٹکڑا نور کا
سایہ کا سایہ نہ ہوتا ہے نہ سایہ نور کا

حضور سيد دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن نورِ حسي بہ آهن ۽ نورِ معنوي بہ. پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄو نور هجڻ جي باوجود پنهنجي نور ۾ اضافي جي دعا گهرندا هئا، جيئن هدايت تي هجڻ بلڪ سراپا هدايت هجڻ جي باوجود هر نماز ۾ صراطِ مستقيم تي هدايت ۾ اضافي جي دعا ڪندا هئا، جيئن تہ دعاءِ نور بخاري شريف ۾ هن طرح آهي: اللهم اجعل فى قلبى نورا، وفى بصرى نورا، وفى سمعى نورا، وعن يمينى نورا، وعن يسارى نورا، وفوقى نورا، وتحتى نورا، وامامى نورا، وخلفى نورا، واجعل لى نورا

ترجمو: اي الله! منهنجي دل ۾ نور پري ڇڏ، منهنجي نظر ۾ نور پيدا فرماءِ، منهنجن ڪنن ۾ نور، منهنجي ساڄي نور، منهنجي کاٻي نور، مٿان نور، هيٺان نور، اڳيان نور، پٺيان نور ۽ مونکي (مٿي کان پيرن تائين) نور بڻائي ڇڏ. (بخاری،4/ 193، حديث: 6316) ۽ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي دعا جي قبول ٿيڻ ۾ ڪو مؤمن شڪ ڪري ئي نہ ٿو سگهي.

**نورِ محمدي جو مثال:** اسان جا آقا ۽ مولا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نور آهن، الله پاڪ سندن نور جو مثال قرآنِ پاڪ ۾ هيئن بيان فرمايو آهي: ترجمو ڪنزالعرفان: الله آسمانن ۽ زمين کي روشن ڪرڻ وارو آهي، ان جي نور جو مثال اهڙو آهي جيئن هڪ طاقچو هجي جنهن ۾ چراغ آهي، اهو چراغ هڪ فانوس ۾ آهي، اهو فانوس ڄڻ هڪ موتيءَ وانگر چمڪندڙ ستارو آهي جيڪو زيتون جي برڪت واري وڻ مان روشن ٿيندو آهي جيڪو نہ اوڀر وارو آهي نہ اولهہ وارو. قريب آهي جو ان جو تيل ڀڙڪي ٻري پوي جيتوڻيڪ ان کي باهہ نہ ڇهتي هجي. نور تي نور آهي، الله پنهنجي نور جي راهہ ڏيکاريندو آهي جنهن کي گهرندو آهي ۽ الله ماڻهن جي لاءِ مثال بيان فرمائيندو آهي ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻيندڙ آهي. (سيپارو 18، سورة نور: آيت 35) حضرت ڪعبُ الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن حضرت عبد الله بن عباس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سامهون بيان فرمايو تہ هي مثال نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذاتِ مبارڪ جو آهي. (تفسير خازن، النور، تحت الآية: 35، 3 / 354)

حضور پُر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذاتِ مبارڪ نہ صرف پاڻ نور آهي بلڪ پاڻ سڄي دنيا جي لاءِ اهڙا چمڪندڙ، مهڪندڙ، روشن ڪرڻ وارا سج آهن جن جي نور سان سڄو جهان روشن آهي. الله پاڪ ارشاد فرمايو:

﴿وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا ۝۴۶﴾

ترجموڪنزالعرفان: ۽ الله جي طرف ان جي حڪم سان سڏيندڙ ۽ چمڪائيندڙ سج بڻائي ڪري موڪليو. (سيپارو 22، سورة احزاب: آيت 46)

**نوراني ڪتاب:** پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي الله پاڪ ڪتاب بہ اهو عطا فرمايو جيڪو نور آهي ۽ نورانيت سان قربِ الاهي جا رستا ظاهر ڪرڻ وارو آهي. فرمانِ باري تعالٰي آهي:

﴿وَ اَنْزَلْنَاۤ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا ۝۱۷۴﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان توهان جي طرف روشن نور نازل ڪيو. (سيپارو 6، سورة نسآء: آيت 174)

۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي عطا ڪيل انهيءَ نور جي پيروي ۾ فلاح ۽ نجات ۽ عظمت ۽ سعادت آهي، جيئن تہ الله پاڪ فرمايو:

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَ عَزَّرُوْهُ وَ نَصَرُوْهُ وَ اتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْۤ اُنْزِلَ مَعَهٗۤ ۙ اُولٰٓىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝۱۵۷ ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ اهي ماڻهو جيڪي ان نبيءَ تي ايمان

آڻن ۽ ان جي تعظيم ڪن ۽ ان جي مدد ڪن ۽ ان نور جي پيروي ڪن جيڪو ان سان گڏ نازل ڪيو ويو ته اهي ئي ماڻهو ڪاميابي ماڻڻ وارا آهن. (سيپارو 9، سورة اعراف: آيت 157)

**نوراني دين:** الله پاڪ اسان جي نبي محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي دين به اهو عطا فرمايو جيڪو نور آهي ڇو جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دين يعني دينِ اسلام خدا جي خوشنودي جا رستا ظاهر ڪرڻ وارو ۽ خدا کان پري ڪرڻ وارن اعمال ۽ اقوال جي سڃاڻپ ڪرڻ وارو آهي. هن نور (دينِ اسلام) کي ڪير به وسائي نه ٿو سگهي توڙي جو ماڻهو ڪيتريون به ڪوششون ڪن. الله پاڪ فرمائي ٿو:

يُرِيْدُوْنَ اَنْ يُّطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْ وَ يَاْبَى اللّٰهُ اِلَّاۤ اَنْ يُّتِمَّ نُوْرَهٗ وَ لَوْ كَرِهَ الْكٰفِرُوْنَ (۳۲) ترجمو ڪنزالعرفان: اهي چاهين ٿا ته پنهنجي واتان الله جو نور وسائن حالانڪ الله پنهنجي نور کي مڪمل ڪرڻ ڪانسواءِ نه مڃيندو جيتوڻيڪ ڪافر ناپسند ڪن. (سيپارو 10، سورة توبه: آيت 32) هن نور يعني اسلام کي قبول ڪرڻ وارو خدا جي طرف کان سيني کلڻ جي دولت ۽ هڪ عظيم نور جو شرف ماڻي وٺندو آهي. جيئن ته فرمايو:

اَفَمَنْ شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ ڇا اهو جنهن جو سينو الله اسلام جي لاءِ کولي ڇڏيو ته اهو پنهنجي رب جي طرف کان نور تي آهي. (سيپارو23، سورة زمر: آيت 22)

**نور جي پيروي وارن جي لاءِ نور:** حضور پُر نور، شافعِ يومُ النُّشور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اتباع، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تي نازل ٿيڻ واري نور يعني قرآن جي پيروي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آندل نور يعني دينِ اسلام کي مڃڻ ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نوراني تعليمات تي عمل ڪرڻ وارن جي لاءِ قيامت جي ڏينهن به نور ئي نور هوندو، جيئن ته الله پاڪ فرمائي ٿو:

نُوْرُهُمْ يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ بِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ لَنَا نُوْرَنَا وَ اغْفِرْ لَنَا ۚ ترجمو ڪنزالعرفان: انهن جو نور انهن جي اڳيان سڌي طرف ڊوڙندو هوندو، اهي عرض ڪندا، اي اسان جا رب! اسان جي لاءِ اسان جو نور پورو ڪر ۽ اسان کي بخشي ڇڏ. (سيپارو 28، سورة تحريم: آيت 8)

وڌيڪ فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ اٰمِنُوْا بِرَسُوْلِهٖ يُؤْتِكُمْ كِفْلَيْنِ مِنْ رَّحْمَتِهٖ وَ يَجْعَلْ لَّكُمْ نُوْرًا تَمْشُوْنَ بِهٖ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ (۲۸)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان آڻڻ وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ ان جي رسول تي ايمان آڻيو ته اهو پنهنجي رحمت جا ٻه حصا توهان کي عطا فرمائيندو ۽ اهو توهان جي لاءِ هڪ اهڙو نور ڪري ڇڏيندو جنهن جي ذريعي توهان هلندؤ ۽ اهو توهان کي بخشي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻ وارو مهربان آهي.

(سيپارو 27، سورة حديد: آيت 28)



میں گدا تو بادشاہ بھر دے پیالہ نور کا
نور دن دونا ترا دے ڈال صدقہ نور کا
جو گدا دیکھو لیے جاتا ہے توڑا نور کا
نور کی سرکار ہے کیا اس میں توڑا نور کا

اي الله! اسان کي پنھنجي نبي صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نور جي وسيلي سان قرآن ۽ اسلام جي نوراني تعليمات ۽ سنّتِ نبوي جي نور کي اپنائڻ جي توفيق عطا فرماءِ، اسان جو ظاهر ۽ باطن تقويٰ ۽ سنّت جي نور سان روشن فرماءِ پوءِ نورِ مصطفيٰ سان اسان جون قبرون روشن فرمائجانءِ ۽ قيامت جي ڏينھن ايمان وارن کي ملڻ واري نور مان بہ حصو عطا فرمائجانءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# حُسنِ معاشرت جا نبوي اصول

مولانا راشد علي عطّاري
(ناظم ماهوار فيضانِ مدينه)

اڪيلو ماڻهو پنهنجي ذات تائين ئي محدود رهندو آهي پر جيئن ئي اهو اڪيلو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ سان ملندو آهي، ڪنهن جڳهه ڪي پنهنجي رهائش ٻڌائيندو آهي، ٻين ڪان ڏي وٺ، ميل جول شروع ڪندو آهي ته معاشري جو بنياد پئجي ويندو آهي. آسان لفظن ۾ ايئن ڪٺي چئجي ته معاشرو ماڻهن سان ئي ملي ڪري بڻجندو آهي ۽ ڪنهن به معاشري جي چڱائي ۽ برائي ۽ ترقي ۽ تنزلي ماڻهن جي تعليم ۽ تربيت ۽ انهن جي چال چلت ۽ ڪردار سان ڈائريڪٽ وابسته هوندي آهي.

دينِ اسلام ۽ پيغمبرِ اسلام جي تعليمات هر موڙ تي انسان جي تربيت ۽ معاشري جي حُسنَ جي اهتمام تي زور ڏيندي آهي. الله پاڪ جيڪو پنهنجي حبيب صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڪردار ۽ رات ڏينهن جي باري ۾ لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فرمايو آهي نهايت گهرائي ۽ وُسعت تي مشتمل ڪلام آهي. ايئن چئجي ته سڄي ڪائنات جي لاءِ حسن معاشرت جي تعليم ۽ تربيت جو بنياد ۽ جڙ ڇا آهي؟ ته اهو هن آيت مان ظاهر ٿي ويو.

جي ها! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ تعليمات ۽ سندن ڪردار مان حُسن معاشرت جا عظيم اصول ملن ٿا. پهريان ته هي سمجهي وٺڻ گهرجي ته حسن معاشرت چوندا ڇا ڪي آهن؟ حُسن معاشرت مان مراد هي آهي ته انسان جنهن سان ملي ۽ جنهن سان ميل جول رکي انهن سان سهڻي اخلاق ۽ ڪردار سان پيش اچي جيئن ماءُ پيءُ، رشتيدار، دوست احباب، پاڙي وارا گڏ ويهڻ وارا، گِراهڪ ۽ دڪاندار، ميزبان ۽ مهمان، هم سفر ۽ هم وطن. مطلب ته انهن مان هر هڪ سان اهڙو ئي معاملو ڪيو جهڙو هو پاڻ پنهنجي لاءِ پسند ڪري ٿو.

حُسن معاشرت صرف انسانن ڪي ئي نه بلڪ زمين تي رهڻ واري هر رُوح واري ڪي مطلوب آهي. سٺي معاشري جي بغير بي سڪوني، بي قراري، لڳاتار تنزلي ۽ پنهنجي ڪريم خالِق جي رضا ڪان

دوري وڏندي ويندي آهي.

اچو! حُضور سرورِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي تعليمات مان سٺي معاشري جا اصول ڄاڻيون ٿا. سٺي معاشري جي نبوي اصولن ڪي تفصيل ۽ حالات جي تقاضا ڪي سامهون رکي بيان ڪيو وڃي ته هڪ هڪ اصول پورو پورو ڪتاب بڻجي ٿو، باقي هتي اهڙين 18 حديثن ڪي ترجمي سان گڏ ذڪر ڪيو ويندو جيڪي هڪ سٺي معاشري جي اصولن جي حيثيت رکن ٿيون.

### اصول 1 : صرف الله جي رضا چاهيو!

اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِ وَاِنَّمَا لِكُلِّ امْرِئٍ مَا نَوٰى يعني اعمال جو دارو مدار نيتن تي آهي ۽ هر ماڻهوءَ جي لاءِ صرف اهو ئي آهي جنهن جي ان نيّت ڪئي. (1)

### اصول 2 : چڱي ڳالهه ڪريو يا خاموش رهو!

مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيَقُلْ خَيْرًا اَوْ لِيَصْمُتْ يعني جيڪو شخص الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکندو آهي، ان ڪي گهرجي ته چڱي ڳالهه ڪري يا خاموش رهي. (2)

### اصول 3 : هميشه صبر ڪريو!

اِنَّمَا الصَّبْرُ عِنْدَ الصَّدْمَةِ الْاُوْلٰى يعني صبر اهو ئي آهي جيڪو صدمي جي شروع ۾ هجي. (3)

### اصول 4: نعمت ملي ته شڪر ڪريو، مصيبت پهچي ته صبر ڪريو!

عَجَبًا لِاَمْرِ الْمُؤْمِنِ اِنَّ اَمْرَهٗ كُلَّهٗ لَهٗ خَيْرٌ وَلَيْسَ ذٰلِكَ لِاَحَدٍ اِلَّا لِلْمُؤْمِنِ اِنْ اَصَابَتْهُ سَرَّاءُ شَكَرَ فَكَانَ خَيْرًا لَهٗ وَاِنْ اَصَابَتْهُ ضَرَّاءُ صَبَرَ فَكَانَ خَيْرًا لَهٗ يعني مؤمن جو معاملو وڏو عجيب آهي جو ان جو هر معاملو ان جي لاءِ ڀلائي وارو آهي ۽ هي اعزاز صرف مؤمن کي ئي حاصل آهي. ڇوته جيڪڏهن ان کي خوشي حاصل ٿيندي آهي ته هو ان تي الله جو شڪر ادا ڪندو آهي ۽ هي شڪر ادا ڪرڻ ان جي لاءِ نهايت ئي مفيد آهي ۽ جيڪڏهن ان ڪي ڪا مصيبت يا پريشاني ايندي آهي ته هو ان تي صبر ڪندو آهي ۽ هي به ان جي لاءِ ڀلائي آهي. (4)

### اصول 5: ڪاوڙ تي ڪنٽرول ڪيو، اصل بهادري اها ئي آهي

لَيْسَ الشَّدِيْدُ بِالصُّرَعَةِ اِنَّمَا الشَّدِيْدُ الَّذِىْ يَمْلِكُ نَفْسَهٗ عِنْدَ الْغَضَبِ يعني طاقتور اهو ناهي جيڪو (ڪنهن کي)هارائي ڇڏي حقيقي طاقتور اهو آهي جيڪو ڪاوڙ جي وقت پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول ڪري. (5)

### اصول 6: شڪ وارين شين ۽ ڳالهين کان پري رهو!

دَعْ مَا يَرِيْبُكَ اِلَى مَا لَا يَرِيْبُكَ فَاِنَّ الصِّدْقَ طُمَاْنِيْنَةٌ وَاِنَّ الْكَذِبَ رِيْبَةٌ يعني جيڪا شيءِ توهان کي شڪ ۾ وجهي ان کي ڇڏي ڏيو ۽ ان کي اختيار ڪيو جيڪا شڪ ۾ نه وجهي، بيشڪ سچائي دل جي اطمينان جو باعث آهي ۽

ڪوڙ بيقراري ۾ وجهندو آهي. (6)

## اصول 7: صدقو ۽ خيرات، صحت ۽ سلامتي ۾ ڪري وٺو!

جَاءَ رَجُلٌ اِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللهِ اَىُّ الصَّدَقَةِ اَعْظَمُ اَجْرًا قَالَ اَنْ تَصَدَّقَ وَاَنْتَ صَحِيحٌ شَحِيحٌ تَخْشَى الْفَقْرَ وَتَأْمُلُ الْغِنَى وَلَا تُمْهِلُ حَتَّى اِذَا بَلَغَتِ الْحُلْقُومَ قُلْتَ لِفُلَانٍ كَذَا وَلِفُلَانٍ كَذَا وَقَدْ كَانَ لِفُلَانٍ **يعني** هڪ شخص پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وٽ اچي ڪري عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڪهڙو صدقو وڏيڪ اجر ۽ ثواب جو باعث آهي؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: تنهنجو ان حال ۾ صدقو ڪرڻ (وڏيڪ اجر جو باعث آهي) جو تون تندرست هجين، مال جي ضرورت هجئي، فقر جو خوف هجئي ۽ مالدار بڻجڻ جو خواهشمند بہ هجين. ۽ صدقي ۾ ايڏي دير نہ ڪيو جو ساهہ ڳلي ۾ اچي اٽڪي تڏهن چئو تہ منهنجي مال جو هيترو حصو ان شخص کي ڏئي ڇڏيو ۽ ايترو مال هن شخص کي ڏئي ڇڏيو حالانڪ اهو تہ هاڻي (جڻ) ٻين جو ٿي ئي چڪو آهي. (7)

## اصول 8: فضول ۽ بي فائدا شين کي ڇڏي ڏيو!

مِنْ حُسْنِ اِسْلَامِ الْمَرْءِ تَرْكُهُ مَا لَا يَعْنِيهِ **يعني** ٻانهي جي اسلام جي خوبي آهي تہ جنهن شيءِ سان تعلق ناهي ان کي ڇڏي ڏي. (8)

## اصول 9: صحت ۽ فراغت کي فضول نہ وڃايو!

نِعْمَتَانِ مَغْبُونٌ فِيهِمَا كَثِيرٌ مِنَ النَّاسِ الصِّحَّةُ وَالْفَرَاغُ
**يعني** بہ نعمتون اهڙيون آهن جن ۾ اڪثر ماڻهو نقصان ۾ آهن: صحت ۽ فراغت.(9)

## اصول 10: صحت ۾ ڪمايو. عذر ۾ ڪم ايندو.

اِذَا مَرِضَ الْعَبْدُ اَوْ سَافَرَ كُتِبَ لَهُ مِثْلُ مَا كَانَ يَعْمَلُ مُقِيمًا صَحِيحًا
**يعني** جڏهن ٻانهو بيمار هوندو آهي يا سفر جي حالت ۾ هوندو آهي (۽ پنهنجي معمول جون نيڪيون نہ ڪري سگهي) تڏهن بہ ان جي لاءِ اهي عمل لکيا ويندا آهن جيڪي اهو پنهنجي گهر ۾ صحت جي حالت ۾ ڪندو رهندو هو. (10)

## اصول 11: ڪنهن ڀلائي ءَ کي ننڍو نہ سمجهيو!

كُلُّ مَعْرُوفٍ صَدَقَةٌ **يعني** هر نيڪي صدقو آهي.(11)

لَا تَحْقِرَنَّ مِنَ الْمَعْرُوفِ شَيْئًا وَلَوْ اَنْ تَلْقَى اَخَاكَ بِوَجْهٍ طَلْقٍ **يعني** نيڪي جي ڪنهن بہ ڪم کي معمولي نہ سمجهيو، توڙي جو پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ سان مسڪرائيندي ملڻ ئي هجي.(12)

## اصول 12: اختلافات کان بچڻو آهي تہ سنت کي پڪڙي وٺو!

فَاِنَّهُ مَنْ يَعِشْ مِنْكُمْ يَرَ اخْتِلَافًا كَثِيرًا وَاِيَّاكُمْ وَمُحْدَثَاتِ الْاُمُورِ فَاِنَّهَا ضَلَالَةٌ فَمَنْ اَدْرَكَ ذٰلِكَ مِنْكُمْ فَعَلَيْكُمْ بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِينَ الْمَهْدِيِّينَ عَضُّوا عَلَيْهَا بِالنَّوَاجِذِ **يعني** توهان مان جيڪو شخص مون کان بعد زندهہ رهيو اهو ڪوڙ سارا اختلافات

ڏسندو، خبردار! دين ۾ نيون نيون بدعتون ايجاد ڪرڻ کان بچجو، ڇو ته اها گمراهي آهي. جيڪڏهن توهان مان ڪو هيءُ زمانو لهي ته ان کي گهرجي ته منهنجي سنّت ۽ هدايت يافته خلفاءِ راشدين جي طريقي کي لازم پڪڙي. انهن کي سخت مضبوطي سان پڪڙي. (13)

## اصول 13: پاڻ ۾ هڪ جسم جيان رهو!

مَثَلُ الْمُؤْمِنِينَ فِي تَوَادِّهِمْ وَتَرَاحُمِهِمْ وَتَعَاطُفِهِمْ مَثَلُ الْجَسَدِ إِذَا اشْتَكَى مِنْهُ عُضْوٌ تَدَاعَى لَهُ سَائِرُ الْجَسَدِ بِالسَّهَرِ وَالْحُمَّى يعني مؤمن جو مثال هڪٻئي سان محبت، رحم ۽ شفقت ۽ نرمي ڪرڻ ۾ هڪ جسم جيان آهي، جڏهن ان جو هڪ حصو يا عضوو سور ڪندو آهي ته باقي سمورو جسم به ان جي سبب بي چيني ۽ بخار ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. (14)

## اصول 14: رحم ڪندؤ ته رحم ٿيندو!

مَنْ لَا يَرْحَمِ النَّاسَ لَا يَرْحَمْهُ اللهُ عَزَّ وَجَلَّ يعني جيڪو ماڻهن تي رحم ناهي ڪندو الله پاڪ به ان تي رحم ناهي ڪندو. (15)

## اصول 15: ٻين جي حقوق ۽ منصب جو خيال رکو!

لَا تَحَاسَدُوا وَلَا تَنَاجَشُوا وَلَا تَبَاغَضُوا وَلَا تَدَابَرُوا وَلَا يَبِعْ بَعْضُكُمْ عَلَى بَيْعِ بَعْضٍ وَكُونُوا عِبَادَ اللهِ إِخْوَانًا يعني هڪٻئي کان حسد نه ڪيو، نه ڏيتي ليتي ۾ (ڌوڪو ڏيڻ جي لاءِ) واڪُ وڌايو، نه هڪٻئي کان بغض رکو، نه هڪٻئي کان بي رخي ڪيو ۽ نه توهان مان ڪو ٻئي جي سودي تي سودو ڪري الله جا ٻانهؤ ڀائر ڀائر بڻجي وڃو.(16)

## اصول 16: مسلمان ڀاءُ تي نه ظلم ڪيو نه ڌوڪو ڏيو!

اَلْمُسْلِمُ اَخُو الْمُسْلِمِ لَا يَظْلِمُهُ وَلَا يَخْذُلُهُ وَلَا يَحْقِرُهُ يعني مسلمان مسلمان جو ڀاءُ آهي، نه ان تي ظلم ڪري، نه ان کي (مدد جي وقت بي يارو مددگار ڇڏي ڪري) رُسوا ڪري ۽ نه ان کي حقير ڄاڻي. (17)

## اصول 17: ظالم کي روڪيو! مظلوم جو ساٿ ڏيو!

اُنْصُرْ اَخَاكَ ظَالِمًا اَوْ مَظْلُومًا فَقَالَ رَجُلٌ يَا رَسُولَ اللهِ اَنْصُرُهُ اِذَا كَانَ مَظْلُومًا اَفَرَاَيْتَ اِذَا كَانَ ظَالِمًا كَيْفَ اَنْصُرُهُ قَالَ تَحْجُزُهُ اَوْ تَمْنَعُهُ مِنَ الظُّلْمِ فَاِنَّ ذٰلِكَ نَصْرُهُ يعني "پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪيو توڙي جو اهو ظالم هجي يا مظلوم." هڪ صحابيءَ عرض ڪيو: اي الله جا رسول! جيڪڏهن اهو مظلوم هجي تڏهن ته ان جي مدد ڪريان پر جڏهن اهو ظالم هجي ته ان جي مدد ڪيئن ڪريان؟ نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: تون ان کي ظلم کان روڪ اها ئي ان جي مدد آهي.(18)

## اصول 18: غلطي ٿي وڃي ته چڱائي به ڪريو!

اِتَّقِ اللهَ حَيْثُمَا كُنْتَ وَاَتْبِعِ السَّيِّئَةَ الْحَسَنَةَ تَمْحُهَا وَخَالِقِ

النَّاسَ بِخُلُقٍ حَسَنٍ يعني توهان ڪٿي بہ هجو الله پاڪ کان ڊڄو ۽ گناهہ کان بعد نيڪي ڪريو، اها ان گناهہ کي ختم ڪري ڇڏيندي. پڻ ماڻهن سان حُسنِ سلوڪ سان پيش اچو. (19)

(1) بخاری،5/1،حدیث:1

(2) بخاری،105/4،حدیث:6018

(3) بخاری،433/1،حدیث:1283

(4) مسلم،ص1222،حدیث:7500

(5) بخاری،130/4،حدیث:6114

(6) ترمذی،232/4،حدیث:2526

(7) بخاری،479/1،حدیث:1419

(8) ترمذی،142/4،حدیث:2324

(9) بخاری،222/4،حدیث:6412

(10) بخاری،308/2،حدیث:2996

(11) بخاری،105/4،حدیث:6021

(12) مسلم،ص1084،حدیث:6690

(13) ترمذی،308/4،حدیث:2685

(14) مسلم،ص1071، حدیث:6586

(15) مسلم،ص975،حدیث:6030

(16) مسلم،ص1064،حدیث:6541

(17) مسلم،ص1064،حدیث:6541

(18) بخاری، 389/4،حدیث:6952

(19) ترمذی،397/3،حدیث:1994

# 800 سال پهريان محفلِ ميلاد جو عظيم الشان انداز

مولانا اويس يامين عطّاري مدني

پيارا اسلامي ڀائرو! ربيعِ الاول جي ٻارهين تاريخ تي مسلمان الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو يومِ ولادت مختلف انداز سان وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهائيندا آهن، ڪو مڪي پاڪ ۾ حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت گاهه جي پر ۾ وڃي ميلاد ملهائيندو آهي ته ڪو روضي پاڪ تي حاضري ڏئي يا گنبذِ خضرا جي سايي ۾ ميلاد ملهائيندو آهي، ڪو مولود شريف (نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ولادت جا واقعا، سيرت، معجزا ڪمالات) پڙهي ڪري ميلاد ملهائيندو آهي ته ڪو نعتِ رسولِ مقبول پڙهي ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪندو آهي، ڪو گهٽي، محلي ۽ گهرن کي سجائي ڪري ميلاد ملهائيندو آهي ته ڪو صدقو ۽ خيرات ۽ نياز نذر ڪري ميلاد ملهائيندو آهي. مطلب ته نيڪي ۽ خوشي جو هر اهو طريقو جيڪو اسلامي شريعت ۾ منع ناهي ان جي ذريعي ميلاد جي خوشي ملهائي سگهجي ٿي.

اچو! ستين صدي هجري جي هڪ عاشقِ رسول بادشاهه جي عيد ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملهائڻ جو نرالو انداز پڙهي ڪري پنهنجي دل کي عشق ۽ محبتِ رسول سان سرشار ڪيون ٿا:

سلطان اِربِل ابو سعيد مظفر(وفات جو سال:630 هه) متقي ۽ پرهيزگار، سخي، دلير ۽ حوصلي مند، بهادر، شهسوار، عقل مند، عالم ۽ عادل هجڻ سان گڏو گڏ خدمتِ دين ۽ عشقِ رسول جي لازوال نعمت سان سرشار ۽ پنهنجي دور جي صوفين ۽ عالمن جي خدمت ڪندڙ بادشاهه هو.

پاڻ جبل قاسيون جي ويجهو هڪ مسجد "الجامع المظفري" جي نالي سان تعمير فرمائي ۽ پاڻ ئي سڀ کان پهريان اجتماعي طور محفلِ ميلاد جو انعقاد فرمائي ميلاد ملهايو، جيئن ته امام جلال الدّين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "حُسْنُ الْمَقْصَد فِی عَمَل الْمَوْلِد" ۾

تحرير فرمائن ٿا: محفل جي صورت ۾ ميلاد ملهائڻ جو آغاز اِربِل جي بادشاهه ابو سعيد مظفر ڪيو جنهن جو شمار وڏي مرتبي وارن بادشاهن ۽ سخي حڪمرانن ۾ ٿئي ٿو.(1) امام ابن ڪثير رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه "اَلبِدَايَة وَالنِّهَايَة" ۾ فرمائن ٿا: سلطان ابو سعيد مظفر ربيع الاول جي مبارڪ مهيني ۾ عظيم الشان اجتماع جو انعقاد ڪري ميلاد شريف ملهائيندا هئا، شيخ ابوالخطاب عمر بن دحيه رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ميلاد النبي جي باري ۾ "اَلتَّنوِيرفِي مَوۡلِدِ البَشِيۡرِ وَ النَّذِير" جي نالي سان هڪ ڪتاب لکيو، بادشاهه ابو سعيد مظفر شيخ صاحب کي هن تصنيف تي هڪ هزار دينار بطورِ انعام ڏنو. وڌيڪ فرمائن ٿا ته بادشاهه مظفر هر سال محفلِ ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تي ٽي لک دينار خرچ ڪندو هو ۽ مهمان خاني جي مهمانن تي هڪ لک دينار خرچ فرمائيندو هو. (2) نالي وارو تاريخدان امام شمسُ الدّين احمد بن محمد المعروف ابنِ خلّڪان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بادشاهه اِربِل مظفرُالدّين جي سخاوت، صدقي ۽ خيرات ۽ سٺن ڪمن کي بيان ڪرڻ کان بعد فرمائن ٿا: سندن محفلِ ميلاد جو ذڪر بيان ڪرڻ کان گهٽو آهي، هر سال محفلِ ميلاد ۾ اِربِل جي ويجهي شهرن مثال طور بغداد، موصل، سنجار، ۽ جزيره وغيره کان ڪيئي ماڻهو هن ۾ شرڪت ڪندا هئا جنهن ۾ فقيهه، صوفي، واعظ ڪندڙ، قاري ۽ شاعر به شامل ٿيندا هئا ۽ انهن جي آمد جو سلسلو محرم مهيني کان ربيع الاول جي شروع تائين جاري رهندو هو 20 يا ان کان وڌيڪ ڪاٺيءَ جا گنبذ نموني گهر ٺاهيا ويندا هئا هر گهر چئن يا پنجن درجن تي مشتمل هوندو هو، ميلاد النبي جي رات قلعي ۾ ڪيئي لائٽون روشن ڪرائيندا هئا، ميلادالنبي جي صبح جو صوفي، فقيهه، واعظين، قارين ۽ شاعرن کي عمده لباس تحفي ۾ ڏيندا هئا ۽ عوام ۽ خواص، فقير، غريب، مسڪين سڀني جي لاءِ ڪثير مقدار ۾ بهترين مختلف قسمن جي کاڌي جو انتظام فرمائيندا هئا. (3) امام شمس الدين يوسف المعروف سِبطِ ابنِ جوزي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ميلاد النبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي موقعي تي اِربِل بادشاهه مظفر جي دسترخوان تي حاضر ٿيڻ واري هڪ شخص جو بيان آهي ته دسترخوان تي 5 هزار ڀُڳل ٻڪرَ، 10 هزار ڪڪڙيون، 1 لک کير سان ڀريل مٽي جا ٿانوَ ۽ 30 هزار حلون جا ٿال هوندا هئا.(4)

محفلِ ميلاد ۾ بادشاهه اِربِل جا اخراجات جيڪڏهن پاڪستاني ڪرنسي (سڪي) جي مطابق حساب لڳايون ته اها رقم ڪروڙن بلڪ اربين روپين تائين وڃي پهچي ٿي، پهريان واري دور ۾ هڪ دينار ڪم و پيش چوٿائي تولي سون جي برابر هوندو هو، ائين 3 لک دينار 75 هزار تولا سون جي برابر ٿيا ۽ 17 آگسٽ

2022ء تي پاڪستان ۾ 24 ڪيرٽ في تولو سون جي قيمت 1 لک 42 هزار 700 روپيا آهي جنهن ڪي 75 هزار سان ضرب ڏيون ته 10 ارب 70 ڪروڙ 25 لک روپيا قيمت بڻجي ٿي.

قارئينِ ڪرام! شاهہ اِربِل جو ميلاد النبي ملهائڻ جو اهو واقعو ڪيئي عالمن ۽ محدثن سڳورن پنهنجي ڪتابن ۾ نقل ڪيو آهي ۽ ان جي تعريف بہ ڪئي آهي جيئن امام ابنِ ڪثير، ابنِ خلڪان، سبطِ ابنِ جوزي ۽ امام سيوطي سان گڏوگڏ امام شمس الدّين محمد بن احمد ذهبي"تاريخُ الْاِسلام" امام محمد بن يوسف الصالحي "سُبلُ الھُدیٰ وَالرَّشاد" علاّمہ عبدالحي بن احمد المعروف ابنُ العِماد الحنبلي"شَذَراتُ الذَّھَب فِی اَخبارِ مَن ذَھَب" علاّمہ قسطلاني "شَرحُ الزُّرقانِی عَلَی الْمَواھِب" علامہ ابوذراحمدبن ابراهيم "کُنُوزُ الذَّھَب فِی تَارِیخ حَلب" علامہ جمال الدين محمد بن سالم حموي شافعي "مُفَرِّجُ الكُروب فی اَخبارِ بَنی ایوب" ۾ هن ايمان افروز واقعي ڪي بيان ڪيو آهي. يارهين صدي هجري جا عظيم محدث ۽ شارح حديث ملا علي قاري رَحْمَۃُ اللہ عَلَیْہ ميلاد النبي تي لکيل پنهنجي رسالي "اَلْمَوْرِدُ الرَّوِی فِی الْمَوْلِد النَّبَوِی" ۾ مختلف ملڪن کان عاشق ۽ باشاهہ اِربِل جي مهمان نوازي جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ لکن ٿا: جڏهن مان ظاهري دعوت ۽ مهمان نوازي کان عاجز ٿيس تہ مون هي ورق لکي ڇڏيا (يعني رسالو اَلْمَوْرِدُ الرَّوِی فِی الْمَوْلِد النَّبَوِی لکي ورتو) تہ جيئن هيءَ معنوي دعوت ٿي وڃي ۽ زماني جي صفحن تي هيمشہ باقي رهي، سال جي ڪنهن مهيني سان خاص نہ ٿئي.(5)

اي عاشقانِ رسول! اسلافِ ڪرام ۽ محدث سڳورن جي ذڪر ڪيل انداز ۽ فرمانن ڪي سامهون رکندي اسان ڪي بہ گهرجي تہ راهِ خدا ۾ خرچ جا ٻيا ذريعا اپنائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي حيثيت جي مطابق ميلاد النبي جي موقعي تي محفلِ ميلاد جو بہ اهتمام ڪيون ۽ هن جي برڪت مان فائدو ڪٽو. مدّاحُ الحبيب مولانا جميلُ الرّحمٰن قادري رضوي رَحْمَۃُ اللہ عَلَیْہ پنهنجي نعتيہ ديوان"قبالهءِ بخشش" ۾ فرمائن ٿا:

بے ادب دشمنِ دیں محفلِ میلاد ہے یہ
ان کے عشاق ہی کچھ اس کا مزہ جانتے ہیں(6)

(1) حسن المقصد فی عمل المولد، ص41
(2) البدایۃ والنہایۃ، 18/9 ملتقطاً
(3) وفیات الاعیان، 536/3، 537، 538 ملخصاً
(4) مرآۃ الزمان، 324/22 ملخصاً، خلاصۃ الاثر، 233/3
(5) مجموعہ رسائل ملا علی قاری، المورد الروی فی المولد النبوی، ص389
(6) قبالہ بخشش، ص204۔

# ميلاد ملهائڻ وارن کان

# سرڪار صلی اللہ علیہ وسلم

# خوش ٿيندا آهن

هڪ عالم صاحب رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: الحمدلله مون کي خواب ۾ الله پاڪ جي پياري نبي صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم جي زيارت ٿي ته مون عرض ڪيو يارسول الله صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم! ڇا اوهان کي مسلمانن جو هر سال توهان جي ولادت مبارڪ جون خوشيون ملهائڻ پسند ايندو آهي؟ ارشاد فرمايائون "جيڪو اسان کان خوش ٿيندو آهي اسان به ان کان خوش ٿيندا آهيون."

